# Budget
## 2024-25

**BUDGET SPEECH BY**
**SYED MURAD ALI SHAH**
**CHIEF MINISTER SINDH**

حکومت سندھ حکومت سندھ

Finance Department
Government of Sindh

2024-25

# سنڌ حڪومت

# بجيٽ تقرير 25_2024

سنڌ جي وڏي وزير

## سيد مراد علي شاھ

جي

## بجيٽ تقرير

14 جون، 2024ع

عوامي حڪومت، عوامي بجيٽ

# سٽاءُ


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| .1 | **شروعات** | 1 |
| .2 | **گذريل دور ۾ سنڌ حڪومت جي اهم ڪاميابين جو وچور** | 3 |
| .3 | **پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جون اهم ڪاميابيون** | 10 |
| .4 | **سال 2022 جي مها ٻوڏ ڪانپوءِ جي بحالي** | 11 |
| .5 | **ٻوڏ متاثرن لاءِ سنڌ پيپلز هائوسنگ** | 14 |
| .6 | **سماجي اقتصادي امدادي قدم** | 16 |
| .7 | **مالي سال 2023-24 جا نظرثاني ٿيل ڪاٿا** | 17 |
| .8 | **وفاقي منتقليون ۽ ورڇ جوڳو پول 2023-24** | 20 |
| .9 | **ذاتي آمدني جا وسيلا 2023-24** | 20 |
| .10 | **مالي سال 2024-25 جا بجيٽ ڪاٿا** | 21 |
| .11 | **پگهارون ۽ الائونسز** | 24 |
| .12 | **گهٽ ۾ گهٽ اُجرت** | 25 |
| .13 | **موجوده موڙِي خرچ سال 2024-25** | 25 |
| .14 | **ترقياتي خرچ سال 2024-25** | 25 |
| .15 | **آمدني وصوليون سال 2024-25** | 26 |
| .16 | **صوبائي وصوليون** | 27 |
| .17 | **ترقياتي شعبو** | 28 |
| .18 | **سالياني ترقياتي رٿا (اي ڊي پي) 2024-25 جون نمايان خصوصيتون** | 29 |
| .19 | **بجيٽ 2024-25 جا اهم نقطا** | 35 |
| .20 | **سماجي ۽ اقتصادي طور رليف فراهم ڪرڻ جون ڪوششون** | 40 |
| .21 | **سال 2024-25 لاءِ ٽيڪس سڌارا** | 44 |
| .22 | **پُڄاڻي** | 47 |

***شروع ڪيان ٿو الله تعاليٰ جي نالي سان***
***جيڪو نهايت ئي مهربان ۽ ٻاجهارو آهي.***

جناب اسپيڪر!

آءٌ الله تعاليٰ جو شڪر گذار آهيان جنهن مونکي هي اعزاز ۽ موقعو عطا ڪيو آهي، آءٌ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي آڏو ٻارنهون پيرو بجيٽ پيش ڪرڻ تي انتهائي شڪرگذار آهيان. اڄ آءٌ سنڌ جي عوامي نمائندن آڏو مالي سال 2024-25 لاءِ 30 کرب ۽ 56 ارب رپين جي رڪارڊ متوازن بجيٽ پيش ڪري رهيو آهيان.

سنڌ جي عوام پاران پاڪستان پيپلز پارٽي لڳاتار چوٿون ڀيرو چوندي وئي آهي ۽ اسان کي ان خصوصيت جو بلڪل ادراڪ آهي ته اسانکي عوام جو مسلسل اعتماد حاصل آهي ۽ اسان ان عوامي اعتماد مطابق لڳاتار خدمت ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا آهيون، جيڪو اسان لاءِ تمام وڏو اعزاز آهي. ان جو سمورو ڪريڊٽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سمورن ڪارڪنن ۽ قيادت ڏانهن وڃي ٿو.

سنڌ جي عوام 2008 کان 2023 تائين پاڪستان پيپلزپارٽي جي ڪيل خدمتن جي مڃتا طور ڪيس 2024 جي اليڪشن ۾ مڪمل مينڊيٽ ڏنو جنهن پيپلزپارٽي جي بي لوث عوامي خدمت واري جذبي کي ٻيهر تازو توانو ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ ۾ اليڪشني تاريخ ۾ اڳي کان وڌيڪ ووٽ کنيا ۽ هينئر سنڌ اسيمبلي ۾ مڪمل اڪثريتي پارٽي آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، جنهن پهريون ڀيرو عوام ڏانهن اقتدار جي منتقلي جو خواب ڏٺو، کان وٺي شهيد بينظير ڀٽو تائين، پنهنجي والد جي مقصد جي پورائي خاطر جدوجهد ڪندي پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو، اسان هن ڌرتي ۽ عوام سان سچائيون رکندڙ قيادت جي رهنمائيءَ هيٺ رهيا آهيون، ۽ جيڪي پاڻ بذات خود اسان جي قوم جي باني جناب قائد اعظم محمد علي جناح جي تعليمات مان رهنمائي حاصل ڪندا رهيا.

اڄ انهيءَ ويساهه ۽ بهتر آئيندي جي عزم واري مشعل صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هٿن ۾ آهي ۽ اسان سنڌ جي عوام جي

انهيءَ بهتر آئيندي جي لاءِ لڳاتار جدوجهد ڪري رهيا آهيون ۽ انهيءَ ڪري عوام اسان ڪي تمام وڏي اڪثريت سان چونڊيو آهي، جنهن لاءِ اسان سندن شڪر گذار آهيون.

جناب اسپيڪر!

آءٌ پنهنجي قيادت جو ٿورائتو آهيان جنهن مون تي اعتماد ڪندي صوبي جي واڳ منهنجي حوالي ڪئي ته جيئن آءٌ سندن بصيرت تي پورو لهي سگهان. آءٌ پنهنجي ڀرپور ڪوشش ڪندس ته سندن اعتماد تي پورو لهان. آءٌ هن اسيمبلي جي ميمبرن جو به ٿورائتو آهيان، جن لڳاتار ٽيون ڀيرو مونکي وڏو وزير چونڊيو. آءٌ ڏٽيءَ در دعاگو آهيان ته مالڪ سائين مونکي سگهه ۽ ڏاهپ ڏئي ته آءٌ پنهنجي قيادت، هن معزز ايوان جي ميمبرن ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم هن صوبي جي عوام جي اميدن تي پورو لهي سگهان.

آءٌ وزير اعظم پاڪستان جناب شهباز شريف جو به ٿورائتو آهيان جنهن سان اسان جو تمام بهترين ورڪنگ رليشن شپ آهي ۽ اسان جو عوامي خدمت وارو عزم ئي آهي. مون کي پڪ آهي ته وزير اعظم پاڪستان اسان جي عوامي خدمت واري جذبي تي اسان جي سهائتا جاري رکندو.

جناب اسپيڪر!

اسان کي چڱيءَ ريت ڄاڻ آهي ته گذريل پنج سال هن خطي ۽ خاص طور تي سنڌ لاءِ سياسي ۽ اقتصادي طور تي تمام گهڻا ڏکيا رهيا. سال 2020 دوران اسان کي ڪووڊ-19 جي عالمي وبا کي منهن ڏيڻو پيو، ۽ 2020 جي سانوڻ ۾ ڪراچي ۾ تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ مينهن وُٺو، جڏهن ته شهيد بينظير آباد، سانگهڙ، ميرپورخاص، بدين، عمرڪوٽ ۽ ٿرپاڪر ضلعن ۾ پڻ برسات سبب ٻوڏ آئي. 2022 جي مهاٻوڏ جي شڪل ۾ صوبي جا ٻه ٽياڱي ٽي حصا سخت متاثر ٿيا جنهن تمام وڏي انساني سانحي کي جنم ڏنو. انهن سمورن چيلينجز اسان کي لڳ ڀڳ پنهنجي دور جي 4 سالن تائين سخت مخالف وفاقي حڪومت کي منهن ڏيڻو پيو پر انهن سڀني ڏکيائين جي باوجود اسان پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکارڻ ۾ ڪامياب وياسين ۽ اهو

سڀ صوبي جي عوام جي سهپ ۽ صوبائي حڪومت جي مضبوط ارادي ۽ پِي پِي پِي جي قيادت جي ڪري ممڪن ٿي سگهيو.
آءٌ ايندڙ مالي سال جي بجيٽ پيش ڪرڻ کان اڳ اسان جي پوئين دور جي ڪجھ اهم ڪاميابين جي باري ۾ مختصر ڳالهائڻ چاهيندس.

## گذريل دور ۾ سنڌ حڪومت جي اهم ڪاميابين جون جهلڪيون:

### صحت جو شعبو

جناب اسپيڪر!

سنڌ حڪومت کي پوري ملڪ ۾ اعليٰ درجي جو هيلٿ ڪيئر سسٽم هئڻ تي فخر آهي، اسان جون سرڪاري اسپتالون پوري ملڪ مان آيل مريضن کي بنا ڪنهن متڀيد جي علاج جون سهولتون فراهم ڪري رهيون آهن.

- سنڌ حڪومت پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت 2017 ۾ "سنڌ پيپلز ايمبولينس سروس" جي نالي سان مفت ايمبولينس سروس شروع ڪئي جيڪا 2021 تائين 85 ايمبولينسز جي بيڙي سان ڪراچي، ٺٽي ۽ سجاول ۾ خدمت سرانجام ڏئي رهي آهي. ان کي بعد ۾ صحت کاتي ۾ "سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز" جي نالي سان ضم ڪيو ويو ۽ اڄ ان وٽ 315 جديد ايمبولينسون موجود آهن.

- گذريل پنجن سالن دوران يارنهن ضلعن جي ڏورانهن علائقن تائين موبائل هيلٿ سروس فراهم ڪئي وئي، جنهن تحت 26 موبائل هاسپيٽلز جي ذريعي 2.5 ملين مريضن کي علاج جي سهولت فراهم ڪئي.

- **جَي پِي ايم سِي، اين آءِ سِي وِي ڊِي ۽ اين آءِ سِي ايڇ:** جَي پِي ايم سِي، اين آءِ سِي وِي ڊِي ۽ اين آءِ سِي ايڇ وٽ مجموعي طور تي 4 هزار بسترن جي

سهولت موجود آهي. رڳو گذريل هڪ سال دوران 3.5 ملين مريضن کي مفت طبي سهولت مهيا ڪئي وئي. وفاق کان صوبي ڏانهن منتقليءَ واري 1.9 ارب جي بجيٽ جي پيٽ ۾ انهن اسپتالن جي مجموعي بجيٽ 25.75 ارب رپيا ڪئي وئي آهي. آپريشنل روبوٽڪ سرجري واري نظام سان گڏوگڏ 9 سِي ٽِي اسڪينرز، 9 ايم آر آءِ اسڪينرز ۽ 9 اينجيوگرافي يونٽس فعال آهن. مالي سال 23-22 دوران جي پي ايم سي جي سرجيڪل ڪامپليڪس ۾ سائيبر نائيف جي جديد ماڊل سميت تمام اهم سرجيڪل اوزارن جي خريداريءَ لاءِ 1.7 ارب رپيا رکيا ويا. هينئر جي پي ايم سي ۾ به سائبر نائيف ۽ روبوٽڪ سرجريءَ وارو نظام موجود آهي. جي پي ايم سي ۾ سال 2020 دوران جديد سرجيڪل ڪامپليڪس وارو منصوبو پڻ مڪمل ڪيو ويو.

- **سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيز (SICVD):** ايس آءِ سِي وِي ڊِي جا 9 سيٽلائيٽ سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جنهن تحت لڳ ڀڳ 5 ملين مريضن کي اڄ ڏينهن تائين طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. انڪانسواءِ پوري صوبي ۾ 29 چيسٽ پين يونٽ پڻ قائم ڪيا ويا آهن. ٽنڊو محمد خان ۽ سکر ۾ اڌ-رنگ جي مريضن کي فوري طبي سهولت ڏيڻ لاءِ اسٽروڪ انٽروينشن پروگرام سان گڏوگڏ جديد سِي ٽِي اسڪين مشينون پڻ لڳايون ويون آهن.

- **سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن(SIUT):** ايس آءِ يُو ٽِي 72 مختلف شعبن ۽ 1200 بسترن سميت پاڪستان جو سڀ کان وڏو ڊائلاسِس سينٽر بڻجي چڪو آهي، جتي روزانو 1500 ڊائلاسِس ڪيا پيا وڃن، جڏهن ته گذريل پنجن سالن دوران 14.4 ملين مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي. سنڌ حڪومت پاران ايس آءِ يُو ٽِي کي گذريل پنجن سالن ۾ 47.7 ارب رپيا ڏنا ويا آهن.

- اڄ ايس آءِ يُو ٽِي ۾ پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو پيوندڪاري جو مرڪز قائم آهي، ٻُڪي جي لاءِ خاص اسپتال قائم آهي، ايس آءِ يُو ٽِي 2017 ۾ روبوٽڪ سرجري جو بنياد وڌو ۽ منجهس ٻارڙن جي دل جي بيمارين جو اسٽيٽ آف دي آرٽ مرڪز قائم آهي.

- ايس آءِ يُو ٽِي جي وڌيڪ توسيعي منصوبن ۾ سکر ۾ ميڊيڪل سينٽر جو قيام، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ ڊائلاسِس سينٽر جو قيام ۽ ڪراچي ۾ ٻارڙن جي نئين اسپتال قائم ڪرڻ شامل آهي.

- **پِير عبدالقادر جيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس گمبٽ**: هڪ ئي هنڌ پنج انساني عضوون جي پيوندڪاري ڪرڻ جو ملڪ ۾ واحد مرڪز آهي، ٽرانسپلانٽ ٿيندڙ عضوون ۾ جِگر، ٻُڪِي، بون مَيرو، ڦڦڙ ۽ ڪارنيئل ٽرانسپلانٽ شامل آهن. ان کان سواءِ گمبٽ ۾ نيوڪيلئر ميڊيسن جو شاهڪار شعبو قائم ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ:

- اسٽيٽ آف دي آرٽ ڪارڊيو ٿوريسڪ جو شعبو جنهن ۾ ايڊوانسڊ ڪيٿ ليب (روبوڪيٿ) قائم ڪيو ويو آهي.
- نيورو-او ٽِي ڪامپليڪس قائم ڪيو ويو آهي.
- گوڏن، هِپ جوائنٽ ۽ ڪُلهن جي روبوٽ ذريعي تبديلي لاءِ آرٿواسڪوپي/ آرٿوپلاسٽي وارو شعبو قائم ڪيو ويو آهي.
- جگر جي پيوندڪاريءَ واري عمارت مڪمل ٿي چڪي آهي.
- اسٽيم سيل جين ٿيراپي وارو سينٽر پڻ قائم ڪيو ويو آهي.

- **سنڌ انسٽيٽيوٽ آف فزيڪل ميڊيسن اينڊ ريهيبيليٽيشن (SIPM&R)**: ايس آءِ پِي ايم اينڊ آر 2007 کان معذورن جي بحاليءَ واريون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ان جي سِري هيٺ آٽزم جو شڪار ٻارڙن جي بحالي ۽ تربيت

جي مفت سهولت واري لحاظ کان ڏکڻ ايشيا جو سڀ کان وڏو سينٽر – سينٽر فار آٽزم ريهيبيليٽيشن اينڊ ٽريننگ سنڌ (سِي آرٽس) قائم ڪيو ويو آهي. سِي آرٽس جي تحت صوبي ۾ 5 سينٽر ڪم ڪري رهيا آهن، جن ۾ ڪراچي ۾ 3 ۽ حيدرآباد ۽ گمبٽ ۾ هڪ – هڪ مرڪز شامل آهن. ان ڪانسواءِ ايندڙ مالي سال ۾ شهيد بينظير آباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ به سِي آرٽس سينٽر قائم ڪيا ويندا.

- سنڌ حڪومت ۽ پيرينٽس وائيس ايسوسيئيشن، اجالا، جي گڏيل سهڪار ڪراچي جي ڊفينس واري علائقي ۾ 4 هزار گزن تي مشتمل معذور ماڻهن لاءِ مفت رهائشي ڪامپليڪس قائم ڪيو ويندو جنهن جي تعمير لاءِ 200 ملين رپيا جاري ڪيا ويا آهن.

- **سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي(SICHN):** ايس آءِ سِي ايچ اين وٽ 77 نيونيٽل آءِ سِي يُو بسترن ۽ 40 پيڊياٽرڪ آءِ سِي يُو بسترن تي مشتمل پاڪستان جو سڀ کان وڏو ليول ٽري انتهائي نگهداشت وارو نيونيٽل يونٽ آهي، جنهن ۾ اِنڪيوبيٽرز ۽ وينٽيليٽرز جي سهولت پڻ موجود آهي. ايس آءِ سِي ايچ اين مان آگسٽ 2022 تائين 2 لک 30 هزار مريضن کي سهولت ملي چڪي آهي. ايس آءِ سِي ايچ اين ڪراچي (ڪورنگي ۽ جي پي ايم سي) مان شروع ڪيو ويو هاڻي ان جو دائرو سکر ۽ شهيد بينظير آباد تائين وڌايو آهي. سول اسپتال ڪراچي، سوڀراج اسپتال ڪراچي، مَدر ۽ چائلڊ هاسپيٽل اعظم بستي ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي ۾ انتهائي نگهداشت وارا يونٽ جلد ئي قائم ڪيا ويندا. ميرپورخاص ۾ ٻارڙن واري اسپتال جلد ئي فعال ٿي ويندي. انڪانسواءِ ايس آءِ سِي ايچ اين پاران نيونيٽل ڪيئر ۾ نوان معيار قائم ڪرڻ لاءِ شرعي اصولن پٽاندڙ پاڪستان ۾ پهرئين ”ماءُ جي ٿڃ وارِي بينڪ“ قائم ڪئي ويندي.

- **چائلڊ لائيف فائونڊيشن**: سنڌ حڪومت پاران هر ٻار کي 24 ڪلاڪن دوران 30 منٽن اندر مفت طبي سهولت لاءِ چائلڊ لائيف فائونڊيشن سان شراڪت داري جاري آهي. هن ڀائيواري تحت ڪراچي، حيدرآباد، شهيد بينظير آباد، لاڙڪاڻو ۽ سکر جي 9 ٽيچنگ هاسپيٽل ۾ جديد ايمرجنسي روم قائم ڪيا ويا آهن. 24 ڪلاڪن واري هب اينڊ اسپوڪ سسٽم ذريعي تعلقي سطح جي اسپتالن کي 106 ٽيلي ميڊيسن سيٽلائيٽ سينٽرز سان جوڙيو ويو آهي. سرڪاري اسپتالن ۾ قائم ايمرجنسي رومز مان سڄي سنڌ اندر 60 لک کان وڌيڪ ٻارڙن کي طبي سهولت ملي چڪي آهي. امريڪي اداري پالِيسِي گلوبل هيلٿ جي تازي تحقيق ۾ سنڌ حڪومت جي اسپتالن ۾ چائلڊ لائيف فائونڊيشن جي سهڪار سان قائم ٽيل ايمرجنسي رومز جي ساراهه ڪئي آهي. دبئي ۾ ٿيل ڪانفرنس آف پارٽيز (COP28) ۾ 5 هزارن اميدوارن مان چائلڊ لائيف فائونڊيشن جو ٽِئين نمبر تي اچڻ انتهائي اطمينان جوڳي ڳالهه آهي.

# تعليم جو شعبو:

- 60 هزار استادن جي ڀرتيءَ سان گڏوگڏ 700 اسڪولن کي سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ اپگريڊ ڪيو ويو آهي.
- اسان جي گذريل دورِ حڪومت دوران 700 شيلٽر ليس اسڪولن جي تعمير ڪئي وئي.
- سال 2008 کان 2019 تائين ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي استادن کي ريگيولرائيز ڪيو ويو.
- يو ايس ايڊ جي سهڪار سان 106 سيڪنڊري اسڪول ۽ جائيڪا جي تعاون سان 74 گرلز اسڪول پڻ تعمير ڪيا ويا.
- اسان 4 وڏيڪ سرڪاري يونيورسٽيون قائم ڪيون جن ۾ شڪارپور ۾ شيخ اياز يونيورسٽي، سکر ۾ بيگم نصرت ڀٽو يونيورسٽي، حيدرآباد ۾ گورنمنٽ ڪاليج يونيورسٽي ۽ ڄامشوري ۾ شهيد الله بخش يونيورسٽي شامل آهن.
- شهيد بينظير ڀٽو هيومن ريسورس ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ تحت ڏيڍ لک کان وڌيڪ بيروزگار نوجوانن کي فني تربيت ڏياري وئي.
- سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن تحت سنڌ حڪومت 2890 اسڪولن جي نيٽورڪ ذريعي 9 لک ٻارڙن تائين معياري تعليم جي رَسائي ممڪن ڪري نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. ايس اِي ايف، ٽِيچ دِي ورلڊ فائونڊيشن جي شراڪتداري سان 5 هزار اسڪول کان ٻاهر ٻارڙن کي 50 مائڪرو اسڪولن ۾ داخل ڪري ورتو آهي.
- **ٽيچرز لائسنسنگ پروگرام:** سنڌ حڪومت صوبي جي سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ سرڪاري/نجي شعبي تي ٻڌل سهڪار شروع ڪيو آهي، ان ڏس ۾ ٽيچرز لائسنسنگ سسٽم متعارف ڪرايو ويو آهي. هن قسم جي پائيواري پاڪستان ۾ پهريون پيرو ٽيچنگ کي پروفيشن بڻائڻ واسطي بِي ايڊ ڊگري رکندڙ اميدوارن کان لائسنس ٽيسٽ ورتي وئي. اڳ ۾ استادن کي چوڏهين گريڊ ۾ ڀرتي ڪيو ويندو هيو، پر هينئر لائسنس رکندڙ استاد کي سورهون گريڊ ڏنو ويندو.

## ورڪس اينڊ سروسز:

- سنڌ روڊ نيٽ ورڪ ماسٽر پلان (SRNMP) تيار ڪيو ويو هيو. جنهن تحت گذريل پنج سالن دوران 5636 ڪلوميٽر روڊن جي تعمير ۽ بحالي ڪئي وئي.

## آبپاشي:

- گذريل پنجن سالن دوران 79.01 ارب رپين جي لاڳت سان 174 اسڪيمن تحت 3675 ميل آبپاشي ڪينالن جي لائننگ ڪئي وئي آهي.
- گذريل پنجن سالن دوران 3675 ميل ڪينالن جي لائننگ جي ڪري 1.6 ڪيوسڪ في ميل جي حساب سان ڪل 5880 ڪيوسڪ پاڻي جي بچت ڪئي وئي.

## توانائي:

- ٿر ڪول جي مقامي پيداوري منصوبي تحت 3240 ميگاواٽ بجلي نيشنل گرڊ ۾ شامل ڪئي وئي.
- ان ڪانسواءِ 12 ونڊ پاور پروجيڪٽ، 3 شمسي توانائيءَ وارن منصوبن، سولر هائبرڊ گرين هائڊروجن پروجيڪٽ ۽ ونڊ سولر هائبرڊ پروجيڪٽ ذريعي حاصل ٿيندڙ بجليءَ کي پڻ نيشنل گرڊ ۾ شامل ڪيو ويو.

جناب اسپيڪر!

سنڌ حڪومت ملڪي سطح تي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جو سڀ کان بهترين نظام ڏيڻ جي دعويٰ ڪري ٿي، جنهن جي عالمي سطح تي پڻ تعريف ڪئي وئي آهي. آءٌ هتي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت مڪمل ٿيل سنڌ حڪومت جي اهم منصوبن بابت بيان ڪرڻ چاهيندس.

# پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جون اهم ڪاميابيون

سنڌ حڪومت وٽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت تعليم، صحت، روڊ ۽ پُلون، پاڻي، توانائي، ٽرانسپورٽ، انفارميشن ٽيڪنالاجي، انڊسٽريل اڪنامڪ زونس، ۽ ٻيلن تي مشتمل گهڻ پاسائن پروجيڪٽس وارو پورٽ فوليو موجود آهي. جنهن ۾ 2010 واري رڳو 5 ارب رپين جي مقابلي ۾ 2024 تائين 700 ارب رپين تائين واڌارو ٿي چڪو آهي. هينئر 142 ارب رپين جا منصوبا تعميري مرحلي ۾ آهن، جڏهن ته 267 ارب رپين جا منصوبا سيڙپڪارن سان ڳالھ ٻولھ واري مرحلي ۾ آهن، جيڪي اميد آهي ته جون 2025 تائين پرائيويٽ پارٽنرس کي ايوارڊ ٿي ويندا.

**پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت حاصل ڪيل ڪجھ اهم ڪاميابيون:**

- جون 2024 تائين گھوٽڪي – ڪنڌڪوٽ پُل واري منصوبي جي مالي لاڳت طئي ٿيڻ جي اميد آهي، هيءُ سنڌو درياءَ جي مٿان سڀ کان ڊگھي 12.2 ڪلوميٽرن واري پُل هوندي.
- اين اِي ڊِي ٽيڪنالاجي پارڪ 25 ارب رپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ پاڪستان جو سڀ کان پهريون ٽيڪنالاجي پارڪ منصوبو آهي، جنهن تحت آءِ ٽِي شعبي جي مجموعي صلاحيتن ۾ ڪوويت انويسٽمينٽ اٿارٽي جي سهڪار سان واڌارو ٿيندو.
- 27.58 ارب رپين جي لاڳت سان ملير ايڪسپريس وي منصوبي جو قيوم آباد کان قائد آباد تائين 15 ڪلوميٽرن وارو پهريون فيز مڪمل ٿي ويندو.
- 69.5 ارب رپين جي لاڳت سان ٿر بلاڪ ون تي انڊيپينڊنٽ پاور پروڊيوسرس کي پاڻيءَ جي فراهمي لاءِ نبي سر کان وِينجهار وارو منصوبو مرتب ڏنو ويو آهي.
- ايم 9 – اين 5 لنڪ روڊ منصوبو 22 ڪلوميٽر ڊگھو روڊ وارو منصوبو آهي. ان جي ابتدائي 7.2 ڪلوميٽرن مان ٽول ٽيڪس جي اوڳاڙي شروع ٿي چڪي آهي.

- ڏاڍيجي ٺٽي وٽ چائنہ پاڪستان اڪنامڪ ڪوريڊور (سِي پيڪ) تحت ڏاڍيجي اسپيشل اڪنامڪ زون منصوبو 1530 ايڪڙن تي پکڙيل انڊسٽريل منصوبو آهي.

## سال 2022 جي مها ٻوڏ ڪانپوءِ جي بحالي

جناب اسپيڪر !

اسان اجا مس ئي ڪووِڊ-19 جهڙي عالمي وبا ۽ 2020 جي ٻوڏن کان نڪتا هئا سين تہ هڪ ڀيرو ٻيهر 2022 ۾ مها ٻوڏن جي صورت ۾ هڪ وڏي انساني سانحي جي ور چڙهيا سين. انهن مصيبتن اسان جي سگهہ ۽ ٻڌيءَ کي آزمايو، پر آءٌ اِهو فخر سان چوان ٿو تہ سنڌ ان مصيبت کي سچي جذبي سان مُنهن ڏِنو.

انهن ٻوڏن سنڌ ۾ وڏي تباهي مچائي، جن ۾ 70 سيڪڙو صوبو متاثر ٿيو. 2 لک کان وڌيڪ گهر مڪمل طور يا جزوي طور تباهہ ٿيا، جن جي نتيجي ۾ 12 ملين ماڻهو بي گهر ۽ غير محفوظ ٿي ويا. اسانجا اسڪول جيڪي اسان جي ٻارڙن جي مستقبل جو بنياد آهن، تمام گهڻو متاثر ٿيا، جن ۾ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ اسڪول مڪمل يا جزوي طور تي تباهہ ٿي ويا. 8400 ڪلوميٽرز روڊ ٻڏي ويا جن آمد و رفت ۽ بنيادي سهولتن تائين رسائي ۾ خلل وڌو. زرعي شعبو، جنهن تي اسان جي صوبي جي اڪثر ماڻهن جو پيٽ گذر ٿئي ٿو، ان کي ڪاپاري ڌڪ رسيو، هزارين ٽن تيار ٽيل فصل تباهہ ٿي ويا.

اسان ڄاڻئون ٿا تہ سمورن مسئلن کي هڪ رات ۾ حل نہ ٿو ڪري سگهجي، پر اسان اهنجن کي گهٽائڻ جو عزم رکئون ٿا ۽ تعمير ۽ بحاليءَ جو سفر شروع ڪري ڇڏيو آهي.

اسانجي شروعاتي ڪوشش جو محور ٻوڏ متاثرن جي بچاءَ ۽ بحالي تي هو، جنهن جو مقصد نقصانن کي گهٽائڻ ۽ ٻوڏ سبب پيدا ٿيندڙ وبائي بيمارين کي روڪڻ هيو. اهڙي ريت اسان پنهنجي ترقياتي شعبي ۽ بحاليءَ جي ڪمن لاءِ پنهنجي آمدني وسيلن کي ٻيهر سهيڙيو.

اٽڪل 117 ارب رپيا انهن ڪمن تي خرچ ڪيا ويا. اهڙين ڪوشش ڪي جاري رکندي اسانجي حڪومت روڊن، اسپتالن، اسڪولن، آبپاشي ۽ بنيادي ڍانچي جي بين منصوبن لاءِ ساليانې ترقياتي پروگرام ذريعي 900 ارب رپين کان وڌيڪ رقم مختص ڪئي.

آءٌ پنهنجي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو پڻ شڪريو ادا ڪرڻ چاهيندس، جيڪو پرڏيهي وزير طور عالمي برادري ۽ دوست ملڪن ڏانهن ڪَهي ويو ۽ امداد جي صورت ۾ اسانجي مدد ڪئي. اسان سندس قيادت ۽ ڪوشش ڪانسواءِ اثرائتي نموني مُنهن نہ ڏيئي سگهون ها.

اسانجي پياري صوبي جي سگهاري ۽ پائيدار بحالي لاءِ گهربل اهم شعبن کي نظر ۾ رکندي بحاليءَ جي ڪمن بابت اسانجي منصوبابندي جامع ۽ حڪمت تي ٻڌل رهي.

آءٌ هتي ڪجھ اهم قدمن کي اجاگر ڪندس جيڪي اسان سرانجام ڏنا آهن.

## ورڪس اينڊ سروسز

ايشيائي ترقياتي بينڪ (اي ڊي بي) جي سهڪار سان 46.3 ارب رپين جي لاڳت سان ايمرجنسي فلڊ اسسٽنس پروجيڪٽ (اي ايف اي پي) جي منظوري ڏني وئي آهي، جنهن جي ذريعي 2022 جي ٻوڏ دوران بري طرح متاثر ٿيل 1662 ڪلوميٽر روڊن کي بحال ڪيو پيو وڃي.

## سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (ايس ايف اِي آر پي)-پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ

سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (ايس ايف اِي آر پي) مالياتي پائيوار طور عالمي بينڪ جي سهڪار سان ٽن سالن جي عرصي لاءِ منظور ڪيو ويو هو.

**مالي سال 24-2023 جي پڄاڻيءَ تائين هيٺيان ڪارناما سرانجام ڏنا ويا آهن:**

- **بنيادي ڍانچو**: متاثر ٿيل روڊ (تعداد ۾ ڪُل 31) **مڪمل ڪيا ويا، جڏهن تہ** 44 **ٻيا روڊ** 19 **ضلعن اندر** 30 **جون** 2024 **تائين مڪمل ڪيا ويندا. ان ڪانسواءِ پنجن ضلعن اندر** 30 **جون** 2024 **تائين پاڻي جي فراهمي/نيڪالي جون** 57 **رٿائون مڪمل ڪيون وينديون.**

- **روزگار جي بحالي:** 14 **ضلعن اندر** 90778 **ماڻهن کي روزگار لاءِ نقد رقم ذريعي فائدو رسايو ويو آهي، جن ۾** 14 **ضلعن اندر** 30 **جون** 2024 **تائين** 48000 **کان وڌيڪ ماڻهن کي نقد رقم ذريعي فائدو رسايو ويندو. هن پروگرام وسيلي آفتن سبب متاثر ٿيل بنيادي ڍانچي جي صفائي ۽ بحالي جي ڪمن مان آمدني حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي مختصر مدي وارا موقعا فراهم ڪيا ويا آهن.**

- **ادارن جي مضبوطي**: 16 **سيٽلائيٽ اسٽيشنز** (ريسڪيو 1122) **مڪمل ڪيون ويون آهن، جڏهن تہ ڇهن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ايمرجنسي ريسڪيو** (1122) **جون سهولتون** 30 **جون** 2024 **تائين مڪمل ڪيون وينديون. ان ڪانسواءِ** 10 **ضلعن اندر سرڪاري اسپتالن ۾ ايمرجنسي شعبن جي نئين سر بحالي ڪئي ويندي.**

## سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (ايس ايف اِي آر پي)-آبپاشي

سنڌ حڪومت ترت مرمت جون 33 رٿائون مڪمل ڪيون آهن، جن ۾ گهارن، بچاءَ ڪندن کي ٻنجو ڏيڻ/بند ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ ۽ پمپنگ اسٽيشنس جي مرمت سميت 208 رٿائون شامل آهن. انهن ۾ 2022 جي ٻوڏ دوران مڪمل طور تباهه ٿيل 32 اهم منصوبا پڻ شامل آهن، جن جي ترت بحاليءَ جي گهرج هُئي.

# زراعت

2022 جي مها برساتن/ٻوڏن سبب صوبي اندر 80 سيڪڙو ٻيٽل فصلن کي نقصان رسيو، سنڌ حڪومت زرعي شعبي جي بحاليءَ لاءِ ترت ڪارروائي عمل ۾ آندي. پهرئين مرحلي ۾ ربيع جي مُند دوران ڪڻڪ جي آبادگارن جي همت افزائي لاءِ ڪڻڪ جي گهٽ ۾ گهٽ امدادي قيمت جيڪا (2022-2021) ۾ 2200 رپيا في مڻ هُئي، اُن کي وڌائي 23-2022 ۾ 4000 رپيا في مڻ ڪيو ويو.

ڪڻڪ جي ٻج جي خريداريءَ لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي 147،446 هارين کي 3.447 ارب رپين جي رقم فراهم ڪئي وئي.

## آبهوائي اثرن جي سهپ رکندڙ گهرن جي اڏاوت: ٻوڏ متاثرن لاءِ سنڌ پيپلز هائوسنگ

پاڪستان پيپلزپارٽي جي ڪيترن ئي فخر جوڳن ڪارنامن مان ٻوڏ متاثرن لاءِ هلندڙ سنڌ پيپلز هائوسنگ جو منصوبو پڻ هڪ اهم ڪارنامو آهي، جنهن جي شروعات عالمي بينڪ طرفان ڏنل امدادي رقم 500 ملين امريڪي ڊالرن سان ڪئي وئي، جنهن ۾ صوبو 227 ملين امريڪي ڊالرن جي رقم سان پائيوار بڻيو. هيل تائين اسلامي ترقياتي بينڪ ۽ ايشيائي ترقياتي

بينڪ کان 70 سيڪڙو امدادي رقم حاصل ڪرڻ اسانجو هڪ ٻيو قدم آهي. نہ رُڳو پاڪستان پر سڄي دُنيا اندر وڏين آفتن کانپوءِ گهرن جي نئين سر اڏاوت جي منصوبن جو هيءُ واحد منصوبو ئي ”اٿي، لٿي ۽ اَڇهي“ واري نظريي جي ساڃيان آهي.

عزم اٽل رهيو ۽ اهو منصوبو نگران حڪومت جي ڇهن مهينن دوران بہ جاري رهيو. آءٌ ان ڳالھ جو اعلان ڪندي سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان تہ 125000 کان مٿي گهر مڪمل ڪيا ويا آهن، جڏهن تہ گهٽ ۾ گهٽ 550000 گهر اڏاوت جي مختلف مرحلن هيٺ آهن. اسان سال 2024-25 ۾ سنڌ جي ٻوڏ متاثرن لاءِ 10 لک اضافي گهر تعمير ڪرڻ جو امڪاني هدف رکيو آهي. ان ڪانسواءِ اسان 564000 ماڻهن کي پاڻي، نيڪال ۽ صفائي سترائي)، صاف پاڻي ۽ بيت الخلاءَ جون سهولتون فراهم ڪري رهيا آهيون.

عورتن کي بااختيار بڻائڻ هن منصوبي جو اهم نقطو آهي، اٽڪل 8 لک عورتون ان مان فائدو حاصل ڪنديون جن کي ”سندن“ ذريعي زرعي ايراضي جو مالڪ بڻايو پيو وڃي. هن مهل تائين 10 هزار عورتن کي سندن زمينن جا مالڪاڻا حق ڏنا ويا آهن.

ان سان گڏوگڏ، 8 لک لاڀ حاصل ڪندڙن کي بينڪ اڪائُنٽن ذريعي اڏاوت لاءِ رقم جي سڌي منتقلي لاءِ بينڪ اڪائُنٽ کوليا ويا آهن. سيئي لاڀ حاصل ڪندڙ بنا ڪنهن وچ واري مداخلت جي اڏاوت لاءِ پنهنجا انتظام پاڻ ڪري سگهندا. اهڙو قدم حڪومت جي شفافيت ۽ سماجي انصاف ۾ ويساهَ جي عڪاسي ڪري ٿو. سڀ کان اهم اها ڳالھ آهي تہ هن منصوبي ذريعي 10 لک نوڪريون پيدا ڪرڻ جو عمل معاشي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام کي هٿي ونرائيندو، تنهنڪري هي قدم سماجي ڀائيواري ۽ ترقي جو اعليٰ مثال آهي.

## سماجي اقتصادي امدادي قدم

جناب اسپيڪر!

آءٌ هن معزز ايوان کي هاڻي انهن تڪڙن اُپائن بابت آگاهي ڏيندس جيڪي اسان حڪومتي ذميواري حاصل ڪرڻ کان ترت پوءِ ورتا آهن.

## رمضان امدادي پيڪيج

اسانجي حڪومت 26 فيبروري 2024 تي چونڊجي آئي ۽ رمضان پاڪ جو پهرو مهينو ٻن هفتن کانپوءِ اچڻو هيو، سنڌ جي عوام جي سهائتا لاءِ بينظير انڪم سپورٽ (بي آءِ ايس پي) ذريعي 4.42 ملين ڪٽنبن جي مالي مدد جي هدف کان 22.1 ارب رپين جي رقم جو رمضان امدادي پيڪيج ڏنو ويو.

## رٽائرڊ ملازمن جي سهائتا

سنڌ حڪومت 11657 رٽائرڊ ملازم، جيڪي ڊگهي عرصي کان قطار ۾ لڳل هئا، جي رهتن جي ادائگيءَ لاءِ 55 ارب رپين جي مجموعي اضافي سان 21.9 ارب رپين جا واڌو فنڊ فراهم ڪيا آهن. ايندڙ مالي سال جي پهرئين مهيني ۾ پينشن جون سموريون رهتون ادا ڪيون وينديون ۽ پينشن جي ڏس ۾ ڪابه دعويٰ باقي نہ رهندي.

جناب اسپيڪر!

هتي آءٌ اِهو ٻڌائڻ چاهيندس تہ نگران حڪومت جي آگسٽ 2023 کان فيبروري 2024 تائين جي ڊگهي مدي دوران صوبي اندر اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران نين رٿائن جي منظوري ۽ هلندڙ رٿائن جي عملدرآمد (جن جا ٽينڊر جاري نہ ٿيا) تي پابنديءَ سبب ترقياتي سرگرميون ٺپ رهيون. تنهن هوندي بہ اسان جڏهن حڪومت سنڀالي تہ اسان ترقياتي شعبي تي ڀيهر ڌيان ڏنو ۽ ان تي ڀيهر عمل پيرا ٿيا سين. اسان بنيادي ڍانچي ۽ سماجي شعبي

جي ترقي ۾ اهم اُپاءَ ورتا ۽ ترقياتي ڪمن جي رفتار جي نتيجي ۾ هلندڙ مالي سال دوران صوبي اندر سڀ کان وڏو ترقياتي خرچ ٿيو.

جناب اسپيڪر!

اڳوڻي دور ۾ اسانجو سڄو ڌيان قدرتي آفتن کي مُنهن ڏيڻ ڏانهن رهيو. هاڻي سنڌ ترقيءَ جي راهه تي گامزن آهي، تنهنڪري هاڻي ڪجهه ننڍڙا ٽيڪس متعارف ڪرائڻ، موجوده ٽيڪسن کي منطقي بڻائڻ ۽ ٽيڪسن جي شرح کي ٻين صوبن ۽ وفاقي اختيارين جي مطابق ڪرڻ ذريعي صوبي جي وسيلن کي متحرڪ بڻائي اسان صوبائي آمدنين ۾ اضافي جو عزم رکون ٿا. اقتصادي بحالي ان جي گهرجائو آهي ته اسان پاڻ کي ضروري خرچن تائين محدود رکئون، سيڙپ وارا منصوبا مڪمل ڪيون ۽ سنڌ کي سيڙپڪاريءَ لاءِ منزل بڻايون.

هاڻي آءٌ هلندڙ مالي سال جي نظرثاني ٿيل کاتن جي شروعات سان سنڌ اندر پاڪستان پيپلزپارٽي (پي پي پي) جي لڳاتار چوٿين حڪومتي دور جي مالي منصوبن جو ذڪر ڪندس.

## مالي سال 24-2023 جا نظرثاني ٿيل کاتا

## صوبائي خرچ

جناب اسپيڪر!

مالي سال 24-2023 جي 2282.581 ارب رپين جي بجيٽ کاتن جي ڀيٽ ۾ سال 24-2023 لاءِ صوبائي خرچ جي ڏس ۾ نظرثاني ٿيل کاتا 2252.908 رپيا تجويز ڪيا ويا آهن. جن ۾ موجوده آمدني، موڙِي ۽ ترقياتي خرچ شامل آهن. هاڻي آءٌ صوبائي خرچ جا اهم نقطا پيش ڪندس.

**موجوده آمدني خرچ (سي آر اي) 2023-24**

موجوده آمدني خرچ (سي آر اي) سال 2023-24 لاءِ نظرثاني ٿيل ڪاٿا 1584.2 ارب رپيا ٿيا، جيڪي هلندڙ سال جي 1411 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن جي مد ۾ 25 سيڪڙو واڌ ظاهر ڪن ٿا. اها واڌ گهڻو ڪري ملازمن سان سلهاڙيل خرچن جي ڪري ٿي آهي.

## موجوده موڙِي خرچ سال 2023-24

موجوده موڙِي خرچن جي مد ۾ سال 2023-24 لاءِ نظرثاني ٿيل ڪاٿا 139 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن، جيڪي هلندڙ سال جي بجيٽ ۾ 136.26 ارب رپين جي واڌ ڪي ظاهر ڪن ٿا. اهڙي واڌ رُپئي-ڊالر جي ملهه ۾ برابري آڻڻ جيڪا 275 رپين ڪان 307 رپين تائين جي رينج ۾ رهي، سبب قرضن جي ٻيهر ادائگي جي خرچن سبب ٿي آهي. موجوده مالي سال 2023-24 جي 88.2 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن جي ڀيٽ ۾ سيڙپڪاري سرگرمين لاءِ 93.6 ارب رپين تائين نظرثاني ڪئي وئي آهي.

## ترقياتي خرچ سال 2023-24

هاڻي آءٌ اهو بيان ڪندس ته اسان جي حڪومت آگسٽ 2023 ۾ پنهنجو آئيني مدو پورو ٿيڻ کي نظر ۾ رکندي گذريل سال جي بجيٽ پيش ڪئي. اسان نهايت ئي چڱي ريت ترقياتي منصوبابندي ڪئي ته جيئن نگران حڪومت دوران به ترقياتي سرگرمي جاري رهي ۽ اهو ان منصوبابندي جو ئي نتيجو آهي جو هلندڙ مالي سال دوران تمام وڏو ترقياتي خرچ ڏسڻ ۾ آيو آهي. اسان ڪاٿو لڳايو آهي ته گذريل مالي سال جي 313 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ هلندڙ مالي سال دوران ترقياتي خرچ 480 ارب رپين ڪان وڌي ويندو.

هن معزز ايوان جو ڌيان ان حقيقت طرف ڇڪائڻ نهايت ضروري آهي ته سال 2023-24 وفاقي حڪومت 19 رٿائن جي مد ۾ وفاقي پي ايس ڊي پي ۾ 52.912 ارب رپيا ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو، پر بدقسمتيءَ سان سنڌ حڪومت جي لڳاتار درخواستن باوجود طرفان ڪابه رقم جاري نه ڪئي وئي،

**اسان اُميد ڪيون ٿا تہ وفاقي حڪومت پنهنجو واعدو پورو ڪندي ۽ ايندڙ مالي سال دوران طئي ٿيل رقم جاري ڪندي.**

**انگن اکرن طرف وڌندي ٻڌائيندو هلان تہ مالي سال** 2023-24 **لاءِ صوبائي ترقياتي خرچ جي مد ۾ نظرثاني ٿيل ڪاٿا** 549.5 **ارب رپيا بيهن ٿا، صوبائي ساليانی ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) جا** 283.0 **ارب، ضلعي ساليانی ترقياتي پروگرام جا** 24.0 **ارب ۽ پرڏيهي سهڪاري منصوبن جا** 240.1 **ارب رپيا شامل آهن.**

**هلندڙ مالي سال دوران مڪمل ڪيل ڪجھ اهم ترقياتي منصوبا هيٺئين ريت آهن:**

I. 6.12 **ارب رپين جي لاڳت سان سنڌ ايريگيٽيڊ ايگريڪلچر پراڊڪٽوٽي انهينسمينٽ پروگرام فيز-**1 **پروجيڪٽ (عالمي بينڪ جي سهڪار سان)**

II. 4.1 **ارب رپين جي لاڳت سان ڪپرو ڪان عمرڪوٽ تائين روڊ وايا غلام نبي شاھ (**75.00 **ڪلوميٽر) جي تعمير**

III. 1.76 **ارب رپين جي لاڳت سان مهراڻ هاءِ وي جي مرمت (لانڍي ڪراچي ڪان پورٽ قاسم تائين)**

IV. 1.62 **ارب رپين جي لاڳت سان ڏابيجي ۾** 100 **ايم جِي ڊي نئين پمپ هائوس جي اڏاوت**

V. 3.36 **ارب رپين جي لاڳت سان شاهراه نورجهان جي بحالي/نئين سر اڏوت (عبدالله ڪاليج ڪان قلندريہ چوڪ تائين)**

VI. 1.532 **ارب رپين جي خرچ سان ضلعي شهيد بينظير آباد ۾ بينظير انسٽيٽيوٽ آف يورالاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (بي آءِ يو ٽي) جو قيام.**

# مجموعي صوبائي وصوليون

جناب اسپيڪر!

صوبائي وصوليون وفاقي منتقلين ۽ صوبائي آمدنين جو هڪ مجموعو آهن، سنڌ جو گهڻو دارومدار وفاقي منتقلين تي آهي، جيڪي اسانجي وسيلن جو بنيادي جُز آهن. جيڪي ورڇ جوڳي پول مان حصي ۽ وفاقي سڌين منتقلين تي ٻڌل آهن.

## وفاقي منتقليون ۽ ورڇ جوڳو پول سال 25-2024

سال 24-2023 جي 1353.23 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن جي ڀيٽ ۾ سال 24-2023 لاءِ وفاقي منتقلين جو نظرثاني ٿيل ڪاٿو 1395.7 ارب رپيا تجويز ڪيو ويو آهي.

1255 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن جي ڀيٽ ۾ سال 24-2023 لاءِ ورڇ جوڳي پول جو نظرثاني ٿيل ڪاٿو 1264 ارب رپيا ۽ ڪسٽم ۽ فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽيز ترتيبوار 179.6 ارب رپيا ۽ 81.98 ارب رپيا ٿين ٿيون.

سال 24-2023 لاءِ 64.42 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن جي ڀيٽ ۾ سڌين منتقلين جا نظرثاني ٿيل ڪاٿا 97.44 ارب رپيا بيهن ٿا. اسان کي هلندڙ مالي سال 24-2023 جي پُڄاڻيءَ تائين بجيٽ جي رقم وصول ٿيڻ جي اميد آهي.

## ذاتي آمدني جا وسيلا

## ٽيڪس آمدني

سنڌ حڪومت مالي طور تي پاڻ‌ڀرو ٿيڻ لاءِ سنڌ ٽيڪس روينيو موبيلائزيشن پلان (ايس ٽي آر ايم پي) ۾ تجويز ڪيل انتظامي سڌارن تي عملدرآمد لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. اسان "**اِي-پَي سنڌ**" سهولت جو پڻ افتتاح ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪ مربوط پليٽ فارم تي سنڌ جي 34 محصولن کي ڊجيٽائيز ڪندي. خدمتن تي سنڌ سيلز ٽيڪس (ايس ايس ٽي) جي اوڳاڙي لاءِ طريقيڪار الٽرنيٽ ڊليوري چينل (اي ڊي سي) جي ايپليڪيشن ۽ اِي اسٽيمپس متعارف ڪرائڻ سان

حوصلہ افزا نتيجا ملڻ جي اميد آهي، تنهنڪري سال 24-2023 لاءِ صوبائي آمدنين جا نظرثاني ٿيل ڪاٿا 475 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن.

خدمتن تي سنڌ سيلز ٽيڪس (ايس ايس ٽي) صوبائي آمدنين جو اهم جز رهيو آهي. مونکي هن معزز ايوان کي اهو ٻڌائيندي سرهائي ٿي رهي آهي ته اسان هلندڙ مالي سال 24-2023 ۾ ايس ايس ٽي جي اوڳاڙي جو هدف 235 ارب رپيا حاصل ڪري وٺندا سين.

## غير ٽيڪس آمدني سال 24-2023

غير ٽيڪس آمدني لاءِ نظرثاني ٿيل ڪاٿا 78 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن.

## سال 24-2023 جون ٻيون وصوليون

پرڏيهي امدادي رٿائن (ايف پي اي) لاءِ نظرثاني ٿيل ڪاٿا 240.07 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن. تعليم واري شعبي سان لاڳاپيل بجيٽ جون امدادي گرانٽس 4.9 ارب رپيا بيهن ٿيون.

## موجوده آمدني خرچ سال 25-2024

سال 25-2024 موجوده آمدني خرچ (سي آر اي) جا بجيٽ ڪاٿا 1912.4 ارب رپيا لڳايا ويا آهن، جيڪي سال 24-2023 جي 1411 ارب رپين جي بجيٽ ڪاٿن کان 33.5 سيڪڙو وڌيڪ آهن. اها واڌ گهٽو ڪري وهنواري خرچن تي ناڻي جي ڦهلاءَ جي اثر، غير مالياتي ادارن جن ۾ اسپتالون، سرڪاري يونيورسٽيون، مڪاني ادارا شامل آهن، جي گرانٽس ان ايڊ ۾ اضافي، سرڪاري ملازمن جي رليف الائونس جي صورت ۾ پگهار جي ضروري واڌاري سان گڏوگڏ پينشن جي خرچ ۽ پينشن ۾ واڌاري سبب ٿي آهي.

## عوامي ڀلائي لاءِ اهميت رکندڙ شعبا جن جي بجيٽ ۾ ايندڙ سال رڪارڊ اضافو ڪيو پيو وڃي، اُهي هيٺين ريت آهن:

# تعليم جو شعبو

پرائمري، مڊل، سيڪنڊري، هائير سيڪنڊري، ڪاليج ۽ يونيورسٽي سطح سميت تعليم جي شعبي لاءِ گذريل سال جي 334 ارب رپين جي بجيٽ جي ڀيٽ ۾ 454 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن، جيڪي 36 سيڪڙو اضافي کي ظاهر ڪن ٿا، جيڪي ڪُل موجوده آمدني خرچ جو 25 سيڪڙو ٿين ٿا.

گذريل سال جي 23 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن لاءِ 34.5 ارب رپين جي فنڊن جي فراهمي ڪئي ويندي، جيڪا اٽڪل 50 سيڪڙو واڌ جي عڪاسي ڪري ٿي، فني تعليم لاءِ ايندڙ سال جي بجيٽ ۾ 6.9 ارب رپين جا فنڊ رکيا ويا آهن.

سنڌ حڪومت سمورن سرڪاري اسڪولن توڙي سندس پارٽنر اسڪولن ۾ پري-پرائمري کان ميٽرڪ تائين جي شاگردن کي مفت درسي ڪتاب فراهم ڪري ٿي. سال 25-2024 ۾ مفت درسي ڪتابن جي ورهاست لاءِ رکيل رقم 2530 ملين رپين کان وڌائي 7500 ملين رپيا ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ٽن مرحلن ۾ فرنيچر ۽ فڪسچر جي خريداري لاءِ 12 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن، جن مان 4.0 ارب رپيا سال 25-2024 ۾ مختص ڪيا ويا آهن. 6.875 ارب رپيا سنڌ رفارم سپورٽ يونٽ جي بجيٽ ۾ رکيا ويا آهن جن ۾ ٻوڏ متاثر اسڪولن جي بحالي لاءِ 2.375 ارب رپيا شامل آهن.

مختلف ضلعن ۾ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن جي شرح کي گهٽائڻ لاءِ نان فارمل ايجوڪيشن سينٽرز کي هلائڻ جي لاءِ 1.654 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. ان ڪانسواءِ مالي سال 25-2024 ۾ نياڻين جي خواندگي شرح کي هٿي وٺرائڻ لاءِ نياڻين کي وظيفو ڏيڻ لاءِ 800.0 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

# صحت جو شعبو

صحت جي شعبي ۾ خدمتن جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ لاءِ گذريل سال رکيل 227.8 ارب رپين جي مقابلي ۾ 300 ارب رپيا رکي ان کي 32 سيڪڙو وڌايو ويو آهي.

# سڪيورٽي ۽ پوليسنگ

عوام جي تحفظ ۽ پوليسنگ لاءِ گذريل سال 133 ارب رپيا رکيا هئا جنهن جي ڀيٽ ۾ هن سال 172 ارب رپيا رکيا ويا آهن. جيڪو گذريل سال کان 29 سيڪڙو وڌيڪ آهي.

# مڪاني ادارا

سٺي حڪمراني ۽ خدمتن جي فراهمي لاءِ ضروري آهي ته هيٺين سطح تي مالي اختيار منتقل ڪيا وڃن، مڪاني ادارن جي وڌندڙ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت مڪاني ادارن کي 33.9 ارب رپين جا فنڊ جاري ڪيا آهن ۽ انهن جي گرانٽ مالي سال 2023.24 لاءِ 88 ارب مان وڌائي 121.9 ارب رپيا ڪئي وئي ۽ ايندڙ مالي سال لاءِ 160 ارب رپيا رکيا ويا آهن ته جيئن مڪاني ادارا بهتر خدمتون مهيا ڪري سگهن. اسان ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي لاءِ او زيڊ ٽي ۾ 50 سيڪڙو ۽ پينشن جي ڏس ۾ 17.5 سيڪڙو گرانٽ وڌائي آهي جنهن سان مالي سال 2023.24 ۾ ان جو حصو 1.612 ارب تائين بيٺو آهي.

سنڌ حڪومت ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کي ڪراچي ڊويزن جي نالن جي صفائي جي لاءِ 555 ملين رپيا پڻ جاري ڪيا آهن جڏهن ته ڪراچي شهر جي سمورن واٽر چينلز، ڊرين ۽ نالن جي صفائي جي لاءِ 410 ملين رپيا پڻ ڏنا آهن. گڏوگڏ اسان ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ بورڊ جي گرانٽ پڻ وڌائي ترتيبوار 400 ملين رپيا ۽ 81.4 ملين رپيا ڪئي پئي وڃي.

# آبپاشي ۽ زراعت شعبو

آبپاشي ڪاتي لاءِ گذريل سال رکيل 25.7 ارب رپين جي ڀيٽ ۾ 35.9 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن، جيڪو گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 40 سيڪڙو اضافي آهي، جڏهن تہ زراعت ڪاتي ۾ گذريل سال 18.9 ارب رپيا رکيل هئا جنهن جي ڀيٽ ۾ هن سال 30.7 ارب رپيا رکيا ويا آهن جيڪي گذريل سال جي ڀيٽ 62 سيڪڙو اضافي آهن. جنهن سان سنڌ حڪومت آبادگارن سان پنهنجي ڪيل واعدي کي عملي جامو پارايو آهي.

# ٽرانسپورٽ ۽ آمد و رفت

ايندڙ مالي سال لاءِ ٽرانسپورٽ ۽ آمد و رفت لاءِ 7.62 ارب رپيا رکيا آهن.

# سماجي تحفظ

ايندڙ مالي سال لاءِ سماجي تحفظ جي اُپائن لاءِ 2.2 ارب جي ڀيٽ ۾ 12.26 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن اهو واڌارو سنڌ پيپلز سپورٽ پروگرام لاءِ 10 ارب رپيا رکڻ سان ٿيو آهي. هي پروگرام اضافي ضلعن ۾ ڳورهارين عورتن ۽ مائرن جي مالي سهائتا کي هٿي وٺرائيندو. هي پروگرام عالمي بينڪ جي سهڪار سان اڳ ۾ ئي مختلف 15 ضلعن ۾ جاري آهي.

# پگهارون، الائونسز ۽ پينشن

سنڌ حڪومت بي پي ايس-1 کان بي پي ايس-6 تائين جي ملازمن جي پگهار ۾ 30 سيڪڙو جي وڌي واڌ تجويز ڪئي آهي، اسان بي پي ايس-1 کان بي پي ايس-6 تائين جي ملازمن لاءِ پرسنل الائونس-2024 پڻ متعارف ڪرايو آهي، اهڙو رليف ڪين وفاقي حڪومت طرفان اعلانيل گهٽ ۾ گهٽ ماهوار اُجرت 37000 رپيا جي برابر سندن ماهوار پگهار کي آڻڻ لاءِ فراهم ڪيو ويو آهي. اهڙو تاريخي قدم نان گزيٽيڊ ڪيٽيگري ۾ ڪم ڪندڙ موجوده عملي کي وڏو رليف فراهم ڪندو، تہ جيئن هو موجوده مهانگائي ۾ پنهنجي ضرورتن کي مُنهن ڏيئي سگهن.

ان کان علاوه بي ايس-7 کان بي ايس-16 تائين جي ملازمن لاءِ 25 سيڪڙو ۽ بي ايس-17 ۽ مٿي جي ڪيٽيگري وارن ملازمن جي پگهار ۾ 22 سيڪڙو اضافو تجويز ڪيو ويو آهي، جيڪو يقينن عوامي حڪومت طرفان هڪ ٻئي واعدي جو پورائو آهي. ان جا وڌيڪ تفصيل پاليسي دستاويز ۾ ڏنل آهن.

اسان سنڌ حڪومت جي رٽائرڊ ملازمن جي پينشن ۾ 15 سيڪڙو واڌ جي تجويز پيش ڪري رهيا آهيون.

## گهٽ ۾ گهٽ اجرت

مالي سال 2024-25 ۾ مهانگائي ۽ روزمره جي خرچن ۾ واڌاري سبب پورهيتن جي اجرت گهٽ ۾ گهٽ 37000 رپيا تجويز ڪئي وئي آهي.

## موجوده موڙِي خرچ سال 2024-25

هن سال موجوده موڙِي خرچ لاءِ 136.256 ارب رپين جي پيٽ ۾ 184.8 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن جيڪي گذريل سال جي پيٽ ۾ 35 سيڪڙو واڌو آهن. هن سال سيڙپڪاري سرگرمين جي لاءِ 142.56 ارب رپيا تجويز ڪيا ويا آهن جنهن ۾ 73.4 ارب رپيا سنڌ پينشن فنڊ جا شامل آهن. جڏهن ته وائبلٽي گيپ فنڊ تحت پي پي پي جي اهم ترقياتي منصوبن لاءِ 65 ارب رپيا رکيا ويا آهن جيڪي گذريل سال جي بجيٽ 88.2 ارب رپين جي پيٽ 61 سيڪڙو واڌو آهن.

## ترقياتي خرچ سال 25-2024

جيستائين ترقياتي خرچن جو تعلق آهي ته سنڌ کي 2022 جي ٻوڏ جي تباهڪارين کان پوءِ بنيادي ڍانچي جي ترقي جي سخت ضرورت هئي. عالمي ادارن جي ڀرپور سهڪار سان اسان گذريل ٻن سالن دوران ترقياتي سرگرمين کي پائيدار بنيادن تي هٿي ونرائڻ جي قابل بڻيا سين.

ان موقعي تي آءٌ انهن سمورن عالمي امدادي ادارن جو ٿورائتو آهيان جن سنڌ حڪومت جي مدد ڪئي. هتي آءٌ قائد ايوان جي حيثيت سان چيئرمين بلاول

پٽو زرداري جو ٿورائتو آهيان جنهن 2022-23 ۾ وفاقي پرڏيهي وزير جي حيثيت سان پرڏيهي ملڪن ۽ عالمي ترقياتي ادارن سان اثرائتو رابطو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ حڪومت پرڏيهي ترقياتي پائيوارن ڪان وقتائتي ۽ مناسب مدد حاصل ڪرڻ جي قابل بڻي.

مالي سال 2024-25 ۾ صوبائي ترقياتي خرچ گڏريل سال جي بجيٽ 735.103 ارب جي ڀيٽ ۾ 959.1 ارب بيٺا آهن جن ۾ ضلعي اي ڊي پي لاءِ 55 ارب رپيا پڻ شامل آهن.

مان تقرير ۾ ان جا وڌيڪ تفصيل اڳتي هلي پيش ڪندس.

# آمدني وصوليون

## وفاقي منتقليون ۽ ورڇ جوڳو پول سال 2024-25

جناب اسپيڪر!

وفاقي منتقلين جو دارومدار فيڊرل بورڊ آف ريونيو جي وصولين تي آهي، اسان وفاقي حڪومت جي ان عزم کي ساراهيون ٿا ته اُن هلندڙ مال سال ۾ پنهنجي اُوڳاڙين جو هدف پورو ڪيو ۽ منصوبي مطابق سنڌ کي ٽرانسفرز يقيني بڻائي. اسان کي اميد آهي ته مالي سال 2024-25 ۾ پڻ ڪاٽو لڳايل فنڊز وفاق کان وصول ڪنداسين.

ان اميد سان ته مالي سال 2024-25 لاءِ وفاقي منتقلين جو ڪاٽو 1900.8 ارب رپيا رکيو ويو آهي جن ۾ ورڇ جوڳي پول جا اهم جز 1747.4 ارب رپيا، سڌين منتقلين جا 106.4 ارب رپيا ۽ او زيڊ ٽي گرانٽ جا 46.9 ارب رپيا شامل آهن. ان حساب سان مالي سال 2024-25 ۾ 1353.2 ارب جو هدف هيو، جنهن ۾ هاڻي 40.5 سيڪڙو واڌارو ٿيو آهي.

# صوبائي وصوليون

## ٽيڪس آمدني 25-2024

اسان مالي سال 25-2024 ۾ گذريل سال جي بجيٽ 469.9 ارب رپين جي پيٽ ۾ 661.9 ارب رپيا ٽيڪس آمدني جي ڏس ۾ هدف مقرر ڪيو آهي، ايندڙ سال سروسز تي سنڌ سيلز ٽيڪس جي وصولين جو هدف سال 2023.24 جي هدف 235 ارب جي پيٽ ۾ 350 ارب رپيا مقرر ڪيا ويا آهن.

اهڙي ريت ايڪسائيز ۽ ٽيڪس لاءِ آمدني جو هدف گذريل سال جي هدف 143.27 ارب جي پيٽ ۾ 203.8 ارب رپيا مقرر ڪيو ويو آهي ۽ بورڊ آف ريونيو جي ٽيڪس تحت گذريل سال جي هدف 55.218 ارب جي پيٽ ۾ 60.7 ارب رپيا مقرر ڪيو ويو آهي.

آءٌ هن معزز ايوان کي ملڪ جي تبديل ٿيندڙ سياسي ۽ اقتصادي حالتن کان آگاهه ڪرڻ چاهيان ٿو. سنڌ سرڪار بنيادي ڍانچي جي اڏاوت جي وڌندڙ گهرجن ۽ ان تي ايندڙ لاڳتن کي رعايتي اگهن تي آڻڻ لاءِ مالي مدد فراهمڻ ڪرڻ جا نوان رستا ڳولي رهي آهي. بهرحال، سنڌ کي پنهنجي مسلسل وڌندڙ مالي ضرورتن جي جٽادار حل جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ نوان ٽيڪس لاڳو ڪرڻ، غريب طبقن کي رليف يقيني بڻائڻ لاءِ موجوده نظام کي متوازن بڻائڻ ۽ خوشحال طبقن کان امڪاني آمدني حاصل ڪرڻ ضروري آهي. تنهنڪري اسان ڪجھ نوان ٽيڪس لڳائڻ جي تجويز بہ ڏني آهي، جنهن سان مالي سال 25_2024 ۾ 76.8 ارب رپين جي اضافي آمدني پيدا ٿيڻ جي اميد آهي.

## مالي سال 25-2024 غير ٽيڪس آمدني

ايندڙ مالي سال 25_2024 لاءِ نان ٽيڪس آمدني لاءِ بجيٽ جو ڪاٿو 42.9 ارب رپيا رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.

# مالي سال 2024-25 جون ٻيون وصوليون

ساليانيٰ وصولين جو ٻيو وڏو حصو پرڏيهي منصوبي جي امداد، وفاقي پي ايس ڊي پي ۽ بجيٽ ۾ مختص ٽيل مالي ڪاٽا آهن. ايندڙ مالي سال 2024_25 پرڏيهي منصوبن جي مالي امداد جو ڪاٿو 334 ارب رپيا لڳايو ويو آهي، جنهن ۾ 27 پرڏيهي مختلف سهڪاري منصوبا شامل آهن، جن ۾ ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي)، عالمي بئنڪ (ورلڊ بئنڪ) ، يو ايس ايڊ ، اسلامي ترقياتي بئنڪ( آءِ ايس ڊي بي)، ايشين انفراسٽرڪچر انويسٽمينٽ بئنڪ (اي آءِ آءِ بي) ايگزيم بئنڪ ڪوريا ۽ جائيڪا (جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي) جي مالي سهڪار وارا منصوبا شامل آهن. وفاقي پبلڪ سيڪٽر ڊولپمينٽ پروگرام (پي ايس ڊي پي) منصوبن لاءِ وفاق پاران 76.9 ارب رپين جي رقم مختص ڪئي وئي آهي.

# ترقياتي شعبو

## مالي سال 2024-25 بجيٽ ڪاٽا

## (ساليانو ترقياتي پروگرام)

جناب اسپيڪر!

ايندڙ مالي سال 25 _2024 جي ترقياتي منصوبن جي خرچ لاءِ 959.1 ارب رپيا رکيا ويا آهن. جنهن ۾ صوبائي ساليانيٰ ترقياتي منصوبي يعني اي ڊي پي لاءِ 493 ارب رپيہ، صوبي جي مختلف ضلعن جي اي ڊي پي لاءِ 55 ارب رپيا، پرڏيهي پروجيڪٽس جي مالي سهڪار لاءِ 334 ارب رپيا ۽ وفاقي پي ايس ڊي پي اسڪيمن لاءِ 76.9 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن.

# ساليانيٰ ترقياتي رٿا (اي ڊي پي) 25-2024 جون نمايان خصوصيتون

هاڻي آءٌ 25-2024 اي ڊي پي جون ڪجھ نمايان خوبيون پيش ڪرڻ چاهيندس.

جناب اسپيڪر !

سال 25-2024 جي اي ڊي پي جي تياري دوران سنڌ حڪومت پاران گذريل 10 سالن کان جاري ترقياتي اسڪيمن جو ڪم مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، تنهنڪري جن هلندڙ ترقياتي ڪمن تي 70 سيڪڙو خرچ يا 50.0 ملين رپين کان گهٽ ڪرنٽ ٿرو فارورڊ ڪيل اسڪيمن کي مڪمل فنڊ جاري ڪيا ويا آهن. اهڙي طرح، 50 سيڪڙو فنڊ انهن اسڪيمن لاءِ مهيا ڪيا ويا آهن، جن اسڪيمن جي ڪرنٽ ٿرو فارورڊ خرچ 50 ملين ۽ 100 ملين رپين جي وچ ۾ آهي. ٻين هلندڙ ريگيولر اسڪيمن کي مالي ڏکيائين سبب 20 سيڪڙو فنڊ مهيا ڪيا ويا آهن.

25-2024 جي مالي سال اي ڊي پي ۾ سي ايس آر (CSR) ۽ بي ايس آر (BSR) جي اثر ڪري ڪابہ نئين اسڪيم نہ هوندي.

ساليانی ترقياتي منصوبي 25-2024 ADP جون مکيہ خاصيتون هيٺ ڏنل آهن:

- صوبي اندر 4250 هلندڙ ترقياتي اسڪيمون آهن جن لاءِ 305.496 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. (جيڪا رقم مجموعي ADP جو 79 سيڪڙو آهي )
- 395 غير منظور ٿيل اسڪيمون آهن جيڪي 24-2023 جي اي ڊي پي جو حصو هيون ۽ اليڪشن ڪميشن طرفان لاڳو پابندي سبب هلندڙ مالي سال دوران منظور نه ٿي سگهيون، تهنڪري اي ڊي پي 25-2024 ۾ غير منظور ٿيل اسڪيمون ٻيهر جاري رهنديون، جن جي لاڳت 92.87 ارب رپيا آهي، (مجموعي ADP جو 24 سيڪڙو آهي).

- 552 جاري  اهڙيون اسڪيمون آهن جن تي 70 سيڪڙو کان وڌيڪ خرچ ٿي چڪو آهي تن کي مڪمل فنڊ جاري ڪيا آهن ته جيئن اهي اسڪيمون جون 2025 تائين مڪمل ٿي سگهن.
- 50.0 ملين رپين کان گهٽ موجوده 849 جاري اسڪيمن کي پڻ مڪمل طور تي فنڊ ڏنا ويا آهن جيڪي پڻ جون 2025 تائين مڪمل ڪيون وينديون.
- 858 نديون رٿائون جيڪي پڻ جون 2025 تائين مڪمل ٿينديون جن کي پڻ پورا فنڊ جاري ڪيا ويا آهن.
- اهي اسڪيمون، جن جا ٽينڊر جاري نه ڪيا ويا آهن ۽ CSR-2024 جي ڪري لاڳت وڌائڻ جي ضرورت آهي، انهن کي مختص ڪيل رپين مان اضافي فنڊ فراهم ڪيا ويندا. جن لاءِ ADP ۾ 80.0 ارب رکيا ويا آهن.
- هن حڪمت عملي تحت ٽوٽل اسڪيمن مان 4644 اسڪيمن کي اي ڊي پي ADP- 2024-25 جڏهن ته 1812 اهڙيون اسڪيمون آهن جن کي مڪمل فنڊ فراهم ڪيا ويا آهن ته جئين اهي اسڪيمون مالي سال 2024-25 ۾ مڪمل ٿي سگهن.
- ڪمپوزٽ شيڊيول ريٽ CSR-2024 جي وڌڻ جي ڪري متاثر ٿيندڙ وڏن شعبن يا کاتن لاءِ بلاڪ ايلوڪيشن ۾ رقم مختص ڪئي وئي آهي جيڪا هن ريت آهي:
- تعليم کاتي جي اسڪيمن لاءِ 32.163 ارب رپيا ( موجوده مالي سال ۾ انهن اي ڊي پي اسڪيمن تي 13.82 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن)
- صحت کاتي جي اسڪيمن لاءِ 18.0 ارب رپيا ( موجوده مالي سال دوران انهن اي ڊي پي اسڪيمن تي 2.72 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن)
- بلدياتي کاتي جي پاڻي جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪالي ۽ روڊ سيڪٽر لاءِ 71.959 ارب رپيا ( موجودھ مالي سال ۾ انهن اي ڊي پي اسڪيمن تي 15.7 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن)
- پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي پاڻي جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال وارين اسڪيمن لاءِ 22 ارب رپيا ( موجوده مالي سال دوران انهن اسڪيمن لاءِ 3.26 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن)

- ٽرانسپورٽ ۽ ڪميونيڪيشن لاءِ 60.40 ارب رپيا ( موجوده مالي سال انهن اي ڊي پي اسڪيمن تي 2.2 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن)
- آبپاشي کاتي ۾ ڪئنالن جي لائيننگ لاءِ 31.09 ارب رپيا ( موجوده مالي سال انهن اي ڊي پي اسڪيمن تي 17.4 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا آهن.) ۾
- زراعت ۾ لائيو اسٽاڪ سيڪٽر لاءِ 6.633 ارب رپيا ( هلندڙ مالي سال دوران انهن اي ڊي پي اسڪيمن تي 6.64 ارب رپيا خرچ ٿي چڪا آهن)
- اسپيشل انيشيٽوز (Special Initiatives) تحت متبادل توانائي ۽ پاڻي ( Renewable Energy & Water) جي لاءِ 20 هزار ملين جي بلاڪ ايلوڪيشن رکي وئي آهي.
- زبون حال بنيادي ڍانچي ( انفرا اسٽرڪچر) جي تعمير ۽ بحالي لاءِ 10 هزار ملين رپيا رکيا ويا آهن.

هي ايوان مٿي ڄاڻايل انگن اکرن مان بنيادي ڍانچي جي ترقي کان سماجي شعبي جي ترقي ڏانهن منتقلي کي سمجهي سگهي ٿو. سال 2022 جي ٻوڏ کان پوءِ ، بنيادي ڍانچي جي تعمير ۽ بحالي تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو آهي، جڏهن تہ ايندڙ مالي سال کان سماجي شعبن جهڙوڪ تعليم، صحت، سماجي تحفظ، ٽرانسپورٽ وغيره جي ترقي تي ڌيان ڏنو پيو وڃي.

## سنڌ حڪومت جا اهم قدم

جناب اسپيڪر!

هاڻي مان سنڌ حڪومت پاران کنيل ڪجهه اهم قدمن بابت ٻڌائيندس.

## بينظير هاري ڪارڊ

سنڌ جي هارين سان اسان جو لاڳاپو سنڌن معيشت کي بهتر بڻائڻ جي عزم تي ٻڌل آهي. مهانگائي جي وڌندڙ شرح سماج جي هر حصي کي متاثر ڪري ٿي. پگهاردار طبقي کي پگهارن ۾ واڌ سان رليف ملي ٿو ۽ گهٽ ۾ گهٽ اجرت وڌائڻ سان مزدورن جو خيال رکيو وڃي ٿو، پر سڀ کان وڌيڪ متاثر اسان جو هاري طبقو آهي ، جيڪو موسمياتي تبديليءَ ۾ زرعي خرچن ۾ هڪ ئي وقت واڌ جي اثرن

کي منهن ڏئي رهيو آهي. هارين کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت 12.5 ايڪڙ يا ان کان گهٽ زمين وارن سيني هارين کي بنا ڪنهن فرق جي مالي مدد فراهم ڪري رهي آهي. 12 لک هارين مان لڳ ڀڳ 7 لک 88 هزار ( 788,000 ) جي رجسٽريشن جو عمل جلد کان جلد مڪمل ڪيو ويندو. ان ڪري، مالي سال 2024-25 ۾ هارين کي في ايڪڙ سليب جي بنياد تي ورهاست لاءِ 8.0 ارب رپين جا فنڊ مختص ڪيا پيا وڃن.

## بينظير مزدور ڪارڊ

سنڌ حڪومت صوبي جي پورهيت طبقي کي فائدو پهچائڻ لاءِ وري بيهر پاليسيون آڻي رهي آهي. ان ڪري اسان ليبر ڊپارٽمينٽ ۾ رجسٽرڊ ٿيل مزدورن لاءِ ”بينظير مزدور ڪارڊ“ متعارف ڪرائڻ جي تجويز ڏني آهي. ”بينظير مزدور ڪارڊ“ رکندڙ مزدور طبقو حڪومت پاران فراهم ٿيندڙ مختلف مراعتن لاءِ اهل هوندو جنهن ۾ مفت علاج، نقد روڪ رقم، مزدوري دوران زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ مالي مدد جي فراهمي، عدت جو معاوضو، ٻار جي پيدائش ۽ سار سنڀال جي مد ۾ مالي معاونت، فوتگي جي صورت ۾ مالي سهڪار، معذور گريجوئيٽي/پينشن، عمر رسيده يا لاچار مزدور جي پينشن، مزدورن جي ويلفيئر فنڊ ڪيش گرانٽس، شادي جي امداد، ۽ تعليمي امداد يا اسڪالرشپ وغيره شامل آهن. ان سلسلي ۾ ايندڙ مالي سال 2024-25 ۾ ورڪرز ويلفيئر فنڊ (WWF) ۾ 5 ارب رپيا رکيا ويا آهن ته جيئن ان اسڪيم تي موثر طريقي سان عملدرآمد ٿي سگهي.

## مخصوص ماڻهن جي شموليت لاءِ خاص انتظام

هن سال اسان مختلف مخصوص ٻارن جي ڏور رس ۽ اثرائتن اُپائن بابت اعلان ڪرڻ وارا آهيون. اسين اسپيشل پرسن جي سهولت لاءِ خاص انتظام ڪرڻ لاءِ 80 ايڪڙن تي مشتمل هڪ منصوبو جوڙي رهيا آهيون جنهن ۾ گهر، اسپتال، اسڪول، راندين جون سهولتون توڙي مخصوص ماڻهن جي جسماني ۽ ذهني بحالي ۽ بهتري وارا مرڪز شامل هوندا. هڪ ڀيرو مڪمل ٿيڻ کان پوءِ هي اسانجو منصوبو انهن خاص ماڻهن کي سماج اندر ٻين ماڻهن سان مڪمل طور تي برابري جي بنياد

تي موثر طريقي سان حصو ونڻ جي قابل بڻائيندو ۽ اهي خاص ماڻهو توڙي ٻار اڳتي زندگي جي سيني رُخن ۾ کنهن به رڪاوٽ کي بهتر نموني منهن ڏئي سگهندا. اهڙو قدم معاشري لاءِ اُتساهه ۽ شعور جو ذريعو هوندو ۽ اسان جي آبادي جي هڪ تمام اهم حصي کي درپيش کنهن به فرق کي ختم ڪرڻ ۾ مدد گار ثابت ٿيندو. هي منصوبو معذوري جي دور کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪندو.

# سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي

## سنڌ جي شهرن جي تحفظ ۽ سلامتي جي اٿارٽي

سنڌ سرڪار پاران سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي قائم ڪئي وئي آهي، جنهن جو مقصد ڪراچي ۾ وڌندڙ ڏوهن جي لهر کي منهن ڏيڻ ۽ ميٽروپوليٽن ۾ امن امان ۽ پوليسنگ جي بهتري کي يقيني بڻائڻ آهي. هلندڙ مالي سال ۾ اسان سي سي ٽي وي ڪئميرائن جي خريداري لاءِ 3.5 ارب رپيا خرچ ڪيا جيڪي ايندڙ مالي سال جي شروعات ۾ ئي لڳايا ويندا. ان کان علاوه جديد ڪمانڊ ۽ ڪنٽرول سينٽر جي تعمير لاءِ هڪ ارب رپيا پڻ خرچ ڪيا ويا آهن. اهو ڪم جاري آهي ۽ تمام جلد ڏوهن جي نشاندهي ۽ ڪنٽرول جي سلسلي ۾ ڪراچي شهر کي دنيا جي ترقي يافته شهرن جي برابر آندو ويندو.

## شمسي توانائي جي ذريعي مفت بجلي جي فراهمي

آءٌ هن ايوان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته چيئرمين پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تحت سنڌ سرڪار پاران 26 لک گهرن کي مفت روف ٽاپ سولر هوم سسٽم فراهم ڪرڻ لاءِ ايندڙ پنجن سالن ۾ 25 ارب رپيا مختص ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي.

ايندڙ مالي سال ۾ پهرين مرحلي ۾ پنج لک گهرن کي سولر هوم سسٽم فراهم ڪيو ويندو. هي سسٽم 100 واٽ سولر پينل، 3 LED لائٽون، هڪ پکو ۽ 6 ڪلاڪ بيٽري اسٽوريج تي مشتمل هوندو.

# پيپلز بس سروس

سنڌ سرڪار، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ذريعي، آڪٽوبر 2021ع ۾ عوام جي سفري سهولت واري تبديلي وارو سفر شروع ڪيو. هن منصوبي ڪي سنڌ جي صوبي ۾ عوام جي سفري سهولت جي سلسلي ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ناهيو ويو آهي. هن منصوبي مان ڪراچي، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، سکر ۽ ميرپورخاص جي عوام سفري سهولت حاصل ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ هڪ لک 10 هزار مسافرن جي گنجائش واريون جديد 290 ڊيزل اليڪٽرڪ (هائبرڊ) بسون هلايون پيون وڃن. وڌندڙ مهانگائي جي باوجود عوام ڪي سفر جي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ ڪرايو فقط 50 رپيا رکيو ويو. سنڌ حڪومت بسن ڪي هلائڻ لاءِ سبسڊي فراهم ڪري رهي آهي. هن منصوبي ۾ عورتن لاءِ الڳ سان پنڪ بس سروس شروع ڪئي وئي آهي جنهن ڪي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي ساراهيو ويو آهي. سنڌ سرڪار پيپلز بس سروس جي منصوبي تحت صوبي جي عوام ڪي سفري سهولتن جي فراهمي جي سلسلي ۾ وڌيڪ نوان شهر ۽ رستا شامل ڪيا پيا وڃن. ان سلسلي ۾ جلد وڌيڪ 500 ماحول دوست اليڪٽرڪ بسن ڪي ان سفر ۾ شامل ڪيو ويندو. ان ڪري پيپلز بس سروس ڪي فعال رکڻ لاءِ حڪومت پاران سبسڊي ڏيڻ جي سلسلي ۾ ايندڙ مالي سال 2024-25 لاءِ مجموعي طور تي 3 ارب 66 ڪروڙ رپين جا فنڊ رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.

# هر شهري ڪي صاف پاڻي جي فراهمي

عوام سان اسان پنهنجي اليڪشن واري واعدي ڪي پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾ سنڌ حڪومت پنهنجي موجوده دور ۾ صوبي جي هر شهري ڪي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ جو ميگا منصوبو جوڙيو آهي. هن منصوبي جي شروعات ۾ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي پنهنجي ريگيولر بجيٽ کان علاوه ايندڙ مالي سال ۾ 10 ارب رپين جي بجيٽ بلاڪ ايلوڪيشن طور تي مختص ڪئي وئي آهي.

## موجوده حب ندي جي بحالي ۽ نئين ندي جي تعمير

ڪراچي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي جا ٻه وڏا ذريعا سنڌو درياهه ۽ حب ڊيم آهن، حب ڊيم مان حب ڪينال ذريعي  پاڻي جي روزاني جي بنياد تي رسد 100 ملين گيلن ڪان گهٽجي 70 ملين گيلن تي وئي آهي. ڪراچي شهر جا وڏا علائقا جنهن ۾ اورنگي، بلديه ، ڪياماڙي، سائيٽ ۽ نيو ڪراچي ۽ ٻيا علائقا پڻ حب ڪينال مان پاڻي جي فراهمي تي منحصر آهن. ان حساب سان سنڌ سرڪار موجوده حب ڪئنال جي بحالي ۽ گڏو گڏ 100 ملين گيلن جي نئين ڪئنال جي تعمير جي منظوري اي ڊي پي ذريعي ڏني آهي، جنهن تي 12 ارب 72 ڪروڙ رپيا خرچ ٿيندا. ان منصوبي تي عمل ايندڙ مالي سال ڪان ڪيو ويندو.

# سال 25-2024 بجيٽ جا اهم نقطا

### هاڻي آءٌ مالي سال 25-2024 جا خاص نقطا پيش ڪندس:

## صحت جو شعبو

صحت جي خدمتن، طبي ادارن ۽ ميڊيڪل ايجوڪيشن لاءِ بجيٽ جي دستيابي

زندگي لاءِ خطرناڪ بيمارين خلاف مفت طبي سهولتن لاءِ بجيٽ کي يقيني بڻائڻ لاءِ مختلف ادارن لاءِ 302.15 ارب رپيا رکيا ويا آهن جن مان ڪجھ اهم هيٺ ڏجن ٿيون:

| | |
|---|---|
| اين آءِ سي وي ڊي/ايس آءِ سي وي ڊي لاءِ | 20 ارب رپيا |
| ايس آءِ يو ٽي  لاءِ | 18 ارب رپيا |
| پيرعبدالقادرجيلاني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسزگمبٽ لاءِ | 16.73 ارب رپيا |
| پي پي ايڇ آءِ سنڌ لاءِ | 14.51 ارب رپيا |
| جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر لاءِ | 11.4 ارب رپيا |
| انڊس اسپتال لاءِ | 10 ارب رپيا |
| شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ٽراما سينٽر ڪراچي لاءِ | 3.5 ارب رپيا |
| ايس آءِ سي ايڇ اين لاءِ | 3.1 ارب رپيا |

**گرانٽس وڏائڻ سان هيٺيان نوان منصوبا پڻ ممڪن بڻايا ويندا.**

- **جي پي ايم سي ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس سسٽم (مصنوعي ذهانت) لڳائڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي، ساڳي طرح سان جان هاپڪنس اسپتال** ( John Hopkins Hospital) **۽ هارورڊ ميڊيڪل اسڪول ماس جنرل اسپتال** ( Harvard Medical Schools Mass General Hospital) **۾ پڻ ساڳيو سسٽم لڳايو ويندو.**
- **نوري آباد، دادو ، شهدادڪوٽ ۽ اسلام ڪوٽ ۾ چار نوان چيسٽ پين يونٽس (چاتي ۾ تڪليف کان ڇوٽڪاري وارا سينٽر) قائم ڪيا ويندا.**
- **سوڀراج اسپتال ڪراچي ۾ 60 بسترن تي مشتمل ٻارن جو طبي يونٽ**
- **اعظم بستي ۾ 80 بسترن تي مشتمل ميٽرنٽي اينڊ چائلڊ اسپتال قائم ڪئي ويندي.**
- **ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي ۾ آئي سي يو ۽ ميرپورخاص ۾ ٻارن جي اسپتال ايندڙ سال ۾ قائم ڪئي ويندي.**
- **گمبٽ انسٽيٽيوٽ ۾ ڪينسر جي مريضن جي سهولت لاءِ سيليولر اينڊ جين ٿراپي سينٽر قائم ڪيو ويندو. جڏهن تہ گمبٽ ۾ ئي پاڪستان جي پهرين فارما سيوٽيڪل (دوائن) واري صنعت پڻ قائم ڪئي پئي وڃي.**
- **مختلف 14 ادارن ۽ غير سرڪاري تنظيمن ذريعي شُگر جي مريضن جي لاءِ مفت علاج تي 235 ملين رپيا خرچ ڪيا ويندا.**

## سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز ـ ريسڪيو 1122

**سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز جنهن کي ماڻهو پنهنجي لاءِ هڪ اُميد سمجهن ٿا جيڪا 2021 ۾ سنڌ حڪومت پاران جوڙي وئي هئي جيڪا هڪ منافعي کان پاڪ ڪمپني آهي.**

**هي خدمت بنيادي طور تي مريض جو اسپتال تائين پهچڻ کان اڳ واري مرحليوار صحت جي بنيادي سهولت جو اهم جُز آهي. جنهن ۾ سنڌ جي عوام لاء بروقت، موثر ۽ مجموعي صحت جي سار سنڀال جي خدمتن تي ڌيان ڏنو ويو آهي.**

## سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز- ريسڪيو 1122

ايمرجنسي طبي سهولتون ڏيڻ وارو ايس آءِ اِي ايڇ ايس جو منصوبو آهي، جيڪو ڇهن ڊويزنن ۾ فعال آهي، ان ۾ 371 اسٽيٽ آف دِي آرٽ ايمبولينسون مفت طبي سهولتون فراهم ڪري رهيون آهن. ايندڙ مالي سال 2024-25 ۾ ايس آءِ اِي ايڇ ايس – ريسڪيو 1122 کي صوبي جي سمورن ضلعن ۽ موٽرويز ۽ هاءِ ويز تائين توسيع ڏني ويندي. ريسڪيو 1122 جا سمورين ڊويزنل سطح تي ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيا ويندا.

ايس آءِ اِي ايڇ ايس – ريسڪيو 1122 تحت طبي امداد جي تڪڙي پهچ لاءِ سال 2024-25 ۾ ڪراچي ۾ پهرين بائيڪ ريسپانس سروس وارو پائلٽ پروجيڪٽ شروع ڪيو ويندو. موٽرويز ۽ هاءِ ويز تي ٿيندڙ ايمرجنسيز ۾ فوري طور تي منهن ڏيڻ لاءِ 16 سيٽلائيٽ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون.

## طبي تعليم

سنڌ حڪومت صوبي جي نوجوانن کي اعليٰ معيار جي طبي تعليم ڏيڻ لاءِ سنجيده آهي. ان ڏس ۾ سال 2024-25 لاءِ 14.39 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

## تعليم وارو شعبو

### اسڪولن جي اپگريڊيشن:

اسان مالي سال 2024-25 لاءِ 60 سيڪنڊري اسڪولن کي هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ اپگريڊ ڪرڻ ۽ ان جي حساب سان نوڪرين ۽ بجيٽ جي سفارش ڪئي آهي. ان ڏس ۾ 60 اسڪولن کي اپگريڊ ڪرڻ لاءِ 355 نيون پوسٽون ۽ موجوده هائير سيڪنڊري اسڪولن لاءِ 400.6 ملين رپين جي بجيٽ رکڻ جي سفارش ڪئي آهي.

### هوشيار شاگردن لاءِ اسڪالرشپ:

مالي سال 2024-25 دوران ميٽرڪ ۽ انٽر ۾ اي-ون گريڊ حاصل ڪندڙ شاگردن جي اسڪالرشپ لاءِ 1.2 ارب رپيا رکيا ويا آهن. ان کان علاوه ”ڊويزنل نِيڊ

ڪم ميرٽ اسڪالرشپ پروگرام“ تحت في ڊويزنل ڪمشنر وٽ 10 ملين رپين جي حساب سان ڪُل 60 ملين رپيا رکيا ويا آهن جنهن تحت مختلف ادارن ۾ پڙهندڙ هوشيار ۽ ضرورت مند شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني ويندي.

## ميڊيڪل يونيورسٽيز لاءِ گرانٽ ۽ وظيفو:

ايندڙ مالي سال لاءِ پنج ميڊيڪل يونيورسٽيز کي گرانٽ ۽ وظيفو ڏيڻ لاءِ 7.832 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

## سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن:

ايندڙ مالي سال 25-2024 ۾ سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن لاءِ 35 ارب رپيا رکيا ويا آهن. سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن تحت 30 سرڪاري يونيورسٽين لاءِ 23.4 ارب رپيا رکيا ويا آهن. جڏهن ته ميرپورخاص، لاڙڪاڻو ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن يونيورسٽيز لاءِ 4 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن.

# سماجي شعبو

## معذورن ماڻهن / ٻارڙن جي بحالي

سال 24-2023 دوران 22 مختلف سماجي تنظيمن جي مدد سان 200 ملين رپين جي لاڳت سان 10500 معذور ماڻهن/ ٻارڙن کي سهڪاري آلات ڏنا ويا آهن. ان سان گڏوگڏ ڪراچيءَ ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ سان آراسته بريل پريس قائم ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح 66 سينٽرز ۾ داخل ٿيل 4190 ٻارڙن کي 2 هزار رپيا في ٻار جي حساب سان وظيفو ڏنو پيو وڃي. آٽزم جو شڪار ٻارڙن جي بحاليءَ لاءِ قائم سِي آرٽ سينٽرز جي بجيٽ پڻ وڌائي وئي آهي. اهي سموريون سهولتون جاري ڪرڻ لاءِ ايندڙ مالي سال ۾ 112 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## معذور ماڻهن لاءِ تعليم جي فراهمي

مالي سال 25-2024 لاءِ معذور ماڻهن جي تعليم جي واسطي 6.3 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. جنهن تحت ڪجھ خاص تجويزون هيٺ ڏجن ٿيون:

- مختلف صلاحيتون رکندڙ ماڻھن جي سھائتا لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن لاءِ 1.22 ارب رپيا
- مختلف صلاحيتون رکندڙ ماڻھن جي تنظيمن لاءِ ھڪ ارب رپيا
- اسپيشل ٻارڙن جي سھڪاري آلات جي خريداريءَ لاءِ 400 ملين رپيا
- معذور ٻارڙن جي وظيفن لاءِ 112 ملين رپيا
- اسپيشل ايجوڪيشن سينٽرز جي مرمت ۽ بحاليءَ لاءِ 100 ملين رپيا
- معذور ماڻھن جي لاءِ قائم ڪيل پروٽيڪشن اٿارٽي لاءِ 100 ملين رپيا
- استادن جي تربيت ۽ صلاحيتن ۾ واڌاري لاءِ 40 ملين رپيا
- اسپيشل ايجوڪيشن اسڪول پروگرام لاءِ 75 ملين رپيا

## مذھبي ھم آھنگي:

قومن جي گڏيل بقا لاءِ مذھبي ھم آھنگي اشد ضروري آھي. سيني لاءِ محبت ۽ ڪنھن لاءِ بہ نفرت نہ ھئڻ جي پرچار اسان جو نصب العين آھي. صوبي جي مختلف مذھبي ڏڻن لاءِ 170 ملين رپيا رکيا ويا آھن. ان ڪان علاوه مزارن ۽ درگاھن جي مرمت لاءِ 100 ملين رکيا ويا آھن. سچل سرمست جي درگاھ جي تحفظ ۽ بحاليءَ لاءِ اسپيشل پيڪيج طور 350 ملين رکيا ويا آھن.

### اقليتون اسان جي ترجيح آھن

مالي سال 25-2024 ۾ اقليتي مامرن لاءِ 1.557 ارب رپيا رکيا ويا آھن. اھي پيسا اقليتي برادري جي عبادتگاھن جي تعمير، مالي معاونت، علاج ۽ اسڪالرشپ جي مد ۾ ڏنا ويندا.

### ڊرامن ۽ فلمي صنعت جي بحالي:

ايندڙ مالي سال ۾ ڊراما، فلمون ۽ ڊاڪيومينٽريز ٺاھڻ لاءِ ھڪ ارب رپيا رکيا ويا آھن جنھن سان سنڌ ۾ شوبز انڊسٽري جي بحالي ۽ نئين ٽيلينٽ کي پليٽ فارم فراھم ڪيو ويندو.

**سماجي ۽ اقتصادي طور رليف فراهم ڪرڻ جون ڪوششون:**

رمضان رليف پيڪيج 2025

مالي سال 25-2024 لاءِ رمضان رليف پيڪيج ۾ 20 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

## سرڪاري ملازمن جا رٽائرمينٽ فائدا

مالي سال 25-2024 دوران پينشن ۽ ڪميوٽيشن جون رهتون ڏيڻ لاءِ 260 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

## فوتي ملازمن جي خاندانن لاءِ مالي مدد

ملازمت دوران فوت ٿي ويندڙ سرڪاري ملازمن جي خاندانن جي مالي سهائتا لاءِ 4.41 ارب رپيا رکيا ويا آهن، جيڪي گذريل سال جي بجيٽ جي حساب سان 44 سيڪڙو وڌيڪ آهن.

## صحافين/ ميڊيا پرسنس/ايسوسيئيشنز جي مالي امداد

پريس ڪلبن ۽ مستحق صحافين جي مالي امداد لاءِ گرانٽ ان ايڊ/ اينڊوومينٽ جي مد ۾ 292 ملين رپيا رکيا ويا آهن. سنڌ ٽرانسپيرينسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016 تي عملدرآمد ڪندي سنڌ انفارميشن ڪميشن جي گرانٽ ان ايڊ لاءِ 66 ملين رپيا مختص ڪيا ويا آهن. ان ڪان علاوه سنڌ پروٽيڪشن آف جرنلسٽس اينڊ اڊر ميڊيا پريڪٽيشنرز ايڪٽ 2021 تي عملدرآمد ڪندي گرانٽ ان ايڊ جي مد ۾ 50 ملين رپيا رکيا ويا آهن.

## ميونسپل سروسز

**سالڊ ويسٽ مينجيمينٽ:**

سنڌ حڪومت سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ لاءِ پائيدار حڪمت عملي جوڙڻ تي غور ڪري رهي آهي. شهري ۽ ڀهراڙيءَ وارن علائقن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هلندڙ مالي سال ۾ رکيل 18 ارب رپين ڪان علاوه واڌو 9.6 ارب رپيا ڏنا ويا. انڪري ايندڙ مالي سال 25-2024 لاءِ 28.4 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

# چوپايو مال / زراعت

**سنڌلائيواسٽاڪ ايڪواڪلچرسيڪٽرٽرانسفارميشن پروجيڪٽ (SLAST/ LIVAQUA)**

سنڌ جي چوپائي مال ۽ ايڪوا ڪلچر واري شعبي کي مستحڪم، پائيدار ۽ ماحول دوست بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت عالمي بينڪ جي مالي تعاون سان سنڌ لائيواسٽاڪ ايڪوا ڪلچر سيڪٽر ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ (SLAST/ LIVAQUA) منظور ڪيو آهي. هن منصوبي جو مقصد روزگار جا بيشمار موقعا پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ شعبي جي سموري سپلاءِ چين کي بهتر بڻائڻ آهي. هن پروجيڪٽ تحت پيداواري ۽ واهپي واري نظام جي سڌاري سان لائيو اسٽاڪ ۽ ميرين پروڊڪٽس جي درآمد ۾ اضافو ٿيندو. هن منصوبي جي 3 حصن تي ڪم ڪرڻ لاءِ 125 ملين ڊالر رکيا ويا آهن، سندس پِي سِي ون، سِي ڊِي ڊبليو پِي پاران منظور ڪئي وئي آهي ۽ عالمي بينڪ سان ڳالهه ٻولهه مڪمل ٿي چڪي آهي. ايندڙ مالي سال ۾ هن منصوبي تي عملدرآمد شروع ڪيو ويندو.

## بينظير وومين ايگريڪلچر ورڪرز اسسٽنس

سماجي اڻ برابري واري مسئلي جو حل عورتن جي ترقي ۾ آهي. عورتون صوبائي اقتصادي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. ان ڏس ۾ بينظير وومين ايگريڪلچر ورڪرز اسسٽنس پروگرام تحت 500 ملين رپيا رکيا ويا آهن. هي منصوبو زرعي شعبي سان لاڳاپيل ٻهراڙيءَ جي عورتن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي معيار ۽ زرعي پيداوار جي واڌاري ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

# پوليس

پوليس لاءِ بجيٽ ۾ واڌارو

## ايندڙ مالي سال لاءِ بجيٽ ۾ واڌاري جا تفصيل:

- سنڌ جي پوليس اسٽيشنن جي ترقي ۽ بهتر معاشي انتظام ڪاري لاءِ خصوصي فنڊ سينٽر ڪوڊ قائم ڪيا ويا آهن ۽ ان ڏس ۾ 485 ٿاڻن لاءِ 3.74 ارب رکيا ويا آهن.
- اسٽريٽ ڪرائيم تي ضابطي آڻڻ لاءِ عادي ڏوهاري جي اِي ٽيگنگ جي مد ۾ 600 ملين رپيا رکيا ويا آهن.
- صوبي جي 40 ٽول پلازا تي ڏوهاري سرگرمين جي مانيٽرنگ وڌائڻ لاءِ آٽوميٽڪ نمبر پليٽ ريڪگنيشن ڪيمرائون خريد ڪرڻ لاءِ 1.5 ارب رپيا رکيا ويا آهن.
- پوري صوبي جي انويسٽيگيشن يونٽس ۾ انويسٽيگيشن الائُس متعارف ڪرائڻ ۽ ڊي ايس پي ۽ سينئر انويسٽيگيشن آفيسرن لاءِ 133 نوان ڪاسٽ سينٽر قائم ڪرڻ واسطي مجموعي طور 938 ملين رپيا رکيا ويا آهن.
- پوليس اهلڪارن ڪي هيلٿ انشورنس ڏيڻ لاءِ 4.9 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

## شُهداءِ پيڪيج

اڄ ڏينهن تائين 2481 پوليس اهلڪارن پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ جان جو نذرانو ڏيندي شهادت ماڻي آهي. سال 2023 دوران 36 پوليس اهلڪارن شهادت ماڻي. شهيد پوليس اهلڪارن جي خاندانن جي سهڪار لاءِ ”اسپيشل شهداءَ پيڪيج“ متعارف ڪرايو ويو آهي جنهن ۾ هيٺيون خصوصيتون شامل آهن:

- بم ڌماڪن، پوليس مقابلن، ٽارگيٽ ڪلنگ، دهشت گرد سرگرمين ۽ سخت نگراني وارين ڊيوٽين دوران پنهنجي جان جو نذرانو ڏيندڙ کي 10 ملين رپيا
- ڊيوٽيءَ دوران حادثي جو شڪار ٿيندڙ پوليس اهلڪارن جي پونئيرن کي هڪ ملين رپيا
- سُپر اينئوئيشن جي عمر تائين پگهار
- سهڪار لاءِ خاندان جي ٻن فردن کي نوڪري ڏيڻ
- 26 مخصوص يونيورسٽين/ ادارن ۾ مفت/ اسڪالرشپ تي تعليم

# بنيادي ڍانچو

عالمي بينڪ جي سهڪار سان شروع ڪيل SFERP پروگرام تحت سنڌ حڪومت هيٺيون سرگرميون پلان ڪيون آهن:

- **انفرا اسٽرڪچر**: نومبر 2024 تائين سنڌ جي 19 ضلعن ۾ 66 نوان روڊ مڪمل ڪيا ويندا، جڏهن ته پنجن ضلعن ۾ 80 واٽر سپلائي ۽ پاڻي جي نيڪال واريون اسڪيمون نومبر 2024 تائين مڪمل ڪيون وينديون
- روزگار جي ذريعن جي بحالي: 14 ضلعن ۾ 7 لک ماڻهن کي فائدو ملندو
- **ادارتي استحڪام**: نومبر 2024 تائين سنڌ جي 6 ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ريسڪيو 1122 سهولت مهيا ڪرڻ، جنهن تحت هيٺيون سهولتون فراهم ڪيون وينديون:
- سيٽلائيٽ اسٽيشنز لاءِ 9 هاءِ ريسپانس ۽ 12 باهه وسائڻ واريون گاڏيون
- ضلعي هيڊڪوارٽر تي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ 12 ڊزاسٽر ريسپانس واريون گاڏيون، پنج پاڻيءَ مان بچاءُ ڪرائينڊڙ گاڏيون، 3 وهيل لوڊرس، 6 ڊمپر، 60 پاڻي ڪڍندڙ پمپ ۽ 10 سولر پينل سسٽم شامل آهن.
- ضلعي هيڊڪوارٽر ۽ سيٽلائيٽ اسٽيشن تي 11 ريڪوري گاڏيون ۽ 110 ايمبولينسون

## پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ رورل ڊولپمينٽ

- مالي سال 25-2024 ۾ اسٽار پروجيڪٽ ۽ 9 ضلعن جيڪب آباد، عمر ڪوٽ، سجاول، قمبر شهداد ڪوٽ، ڄامشورو، ٺٽو، دادو، ميرپورخاص ۽ ٿرپارڪر ۾ ڊرينيج اسڪيمن، آر او فلٽريشن پلانٽس ۽ واٽر سپلائي جي موجوده اسڪيمن کي فعال بڻائڻ ۽ مرمت لاءِ 3.3 ارب رپيا رکيا ويا آهن. مالي سال25-2024 لاءِ فنڊز جا ڪجهه اهم حصا هن ريت آهن: شهيد بينظيرآباد ۾ 4 ايم جي ڊي، يو ايف پلانٽ جي مرمت لاءِ 228.4 ملين رپيا، لاڙڪاڻو ۾ آر او پلانٽ جي مرمت لاءِ 153.8 ملين رپيا ۽ ٽر ۾ واٽر سپلائي جي لائنن جي مرمت لاءِ 360 ملين رپيا شامل آهن

## صوبائي بنيادي ڍانچي جي مرمت

مالي سال2024-25 ۾ سرڪاري عمارتن ۽ ڍانچي جي مرمت لاءِ 5.62 ارب رپيا رکيا ويا آهن ساڳيءَ ريت ايندڙ مالي سال ۾ صوبي جي روڊن رستن، هاءِ ويز ۽ پلن جي مرمت لاءِ 5.2 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

## ڪراچي سرڪيولر ريلوي

اسان گذريل ٻن سالن کان سرڪيولر ريلوي لاءِ فنڊز رکي رهيا آهيون. پر وفاقي حڪومت پنهنجو واعدو پاڙڻ ۾ دلچسپي نہ ورتي هئي ۽ نہ ئي ان پروجيڪٽ لاءِ فنڊ رليز ڪري رهي آهي. هن سال وزيراعظم يقين ڏياريو آهي تہ ان منصوبي کي سي پيڪ تحت شروع ڪيو ويندو جنهن مقصد لاءِ 45.000 ملين رپيا ايندڙ سال ۾ ڪنسلٽنسي سروس حاصل ڪرڻ لاءِ رکيا ويا آهن. اسان وزير اعظم پاڪستان جا ٿورائتا آهيون جنهن سي پيڪ تحت ڪراچي سرڪيولر ريلوي کي ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ پنهنجو عزم ورجايو آهي، جڏهن تہ سنڌ حڪومت ضرورت مطابق گهربل فنڊز مهيا ڪندي.

# ٽيڪس سڌارا

- جيئن تہ مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ قدرتي آفتن جهڙوڪ ٻوڏ، وبائي بيمارين سبب سنڌ کي وڏ ۾ وڏ نقصان رسيو آهي هڪ اندازي موجب ترقياتي شعبي ۾ اربين ڊالرن جو نقصان رسيو آهي. جنهن جيڪري ترقياتي ڪمن بدران رليف ۽ بحالي ڪمن تي ڌيان ڏيڻو پيو انڪري گذريل 4 سالن ۾ نوان ٽيڪسز لڳائڻ يا موجوده ٽيڪس وڌائڻ مناسب نہ هو.
- سماجي ترقي جي ضرورت ۽ عالمي مالي تحفظات سبب ٻين وسيلن سان اضافي فنڊز حاصل ڪرڻ جي ضرورت پئي. جنهنڪري هن سال اسان فنانس

بل پيش ڪري رهيا آهيون تنهن باوجود اسان اها خاطري ڪرائي رهيا آهيون تہ معاشري جي غريب طبقي تي ان جي گهڻ ۾ گهٽ اثرن کي بہ روڪي سگهون. ان جا سمورا تفصيل پاليسي دستاويزن سان گڏ مهيا ڪيا پيا وڃن جيڪي ڏسي سگهجن ٿا.

**سنڌ سيلز ٽيڪس آن سروسز**

- اسان پاڪستان جي بين سروس ٽيڪس ايڊمنسٽريشن جي ٽيڪس ريٽ کي نظر ۾ رکندي اسان سنڌ سيلز ٽيڪس 13 سيڪڙو مان وڌائي 15 سيڪڙو ڪرڻ جي سفارش ڪري رهيا آهيون. تنهن باوجود سنڌ سيلز ٽيڪس جا اگهہ گهٽائڻ يا معاف ڪرڻ بابت نوٽيفائيڊ ڪيو ويو آهي، جيڪو لاڳو رهندو.
- ڊجيٽل معيشت کي هٿي وٺرائڻ جي لاءِ اسان هوٽل سروسز جنهن ۾ استعمال ڪندڙ جي ڊيبٽ، ڪريڊٽ ڪارڊ، موبائل، واليٽ يا ڪيو آر اسڪينگ تحت ادائگي ڪن ٿا انهن تي لاڳو سنڌ سيلز ٽيڪس 8 سيڪڙو تائين گهٽائڻ جي تجويز ڏئي رهيا آهيون.
- ٽيلي ڪام سروسز کي هٿي وٺرائڻ جي سلسلي ۾ جيڪو ايس ايس ٽي 19.5 سيڪڙو جو وڏو اگهہ ادا ڪري رهيو آهي پر وفاق جي سيلز ٽيڪس 18 سيڪڙو ادا ٿي رهي آهي (جيڪا ماضي ۾ 17 سيڪڙو هئي) هاڻي اها تجويز آهي تہ ان پٽ ٽيڪس ڪريڊٽ موجوده 17 سيڪڙو بدران 18 سيڪڙو تائين ڪيو ويندو.

## ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن

- وسيلا گڏ ڪرڻ وارين تجويزن تحت اميد آهي تہ ساليانو 35،900 ملين رپيا آمدني حاصل ڪئي ويندي، اسان جي اُپائن جو مقصد ٽيڪس ۾ امير طبقو آهي اسان تجويز ڪيو آهي تہ 1500 سي سي کان 3000 هزار سي سي تائين جي مختلف انجڻ واري درآمدي ڪارن تي هڪ لک پنجاهہ هزار رپين کان چار لک پنجاهہ هزار تائين جي لگزري ٽيڪس وڌائي رهيا آهيون.

- بنيادي ڍانچي جي ترقي تي محصول پڻ نظرثاني بعد 1.2 سيڪڙو مان وڌائي 1.8 سيڪڙو ڪيو ويو آهي جڏهن ته پروفيشنل ٽيڪس پڻ 500 ڪان 2000 تائين ڪيو ويو آهي. پيٽرول پمپ ۽ سي اين جي اسٽيشنز تي پروفيشنل ٽيڪس وڌائي 5000 ڪان 20000 هزار ڪيو ويو آهي، گڏوگڏ 800 سي سي ڪان 2001 سي سي جي گاڏين جي ٽرانسفر فيس 500 ڪان 5000 هزار تائين وڌائي رهيا آهيون.

## بورڊ آف ريونيو

- وڌندڙ مهانگائي جيڪري مختلف ٽيڪسن جي اوڳاڙيءَ جي خرچن ڪي پڻ وڌايو ويو آهي انڪري اهو ضروري آهي ته سمورين ٽيڪسز جي اوڳاڙيءَ لاءِ خرچ پڻ اگهه، فيس ۽ بين خرچن مطابق ڪيو وڃي چاڪاڻ ته اهي اگهه گذريل ڏهن ڪان پندرنهن سالن ڪان ناهن وڌايا ويا، تنهنڪري اسان مختلف آرٽيڪلز جهڙوڪ: وصولي جي رسيد، قسم نامون، معاهدو، داخلا فارم، ڊبينچر، ليز جي منتقلي، ڊپليڪيٽ چارجز، مسواڙ سان لاڳاپيل ليز يا معاهدو، ليٽر آف ڪريڊٽ، گروي ڪاغذ، باهه يا بيماري بابت انشورنس پاليسي، ضمانتي مچلڪا، پاور آف اٽارني، پراميزري نوٽ ۽ سيٽلمنٽ اينڊ ٽرسٽ جي فيس وڌائڻ جي تجويز پيش ڪيون ٿا، جڏهن ته ايئر ٽڪيٽ ۽ الاٽمنٽ جي فيس وڌائڻ جي پڻ تجويز پيش ڪيون ٿا. انهن جا تفصيلي اگهه ۽ بيون گهرجون پاليسي دستاويز ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. ساڳي ريت ورڪس اينڊ سروسز جي عمارتن ۽ آفيسن جي ڪراين جا اگهه بيهر مقرر ڪيا ويا آهن. گڏوگڏ روٽ پرمٽ فيس، سامان ڪٽندڙ گاڏين جي فيس ۽ بس اڏن جي فيس پڻ وڌائي وئي آهي.

# پڇاڙي

**جناب اسپيڪر!**

پاڪستان هن وقت هڪ چوواٽي تي بيٺل آهي اسان وٽ ڪيترائي وسيلا ۽ لامحدود صلاحيتون موجود آهن ۽ پاڪستان جي ترقي لاءِ انهن ڪي استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ انهن وسيلن ڪي استعمال ڪرڻ ان صورت ۾ ئي ممڪن ٿيندو جڏهن اسان هڪ مقصد ڪٺي گڏجي ڪم ڪنداسين.

**جناب اسپيڪر!**

اسان جا رستا الڳ الڳ ٿي سگهن ٿا پر منزل ساڳي ئي رهندي هڪ پرامن، ترقي يافته، خوشحال پاڪستان ۽ ان منزل تي پهچڻ لاءِ پاڪستان پيپلزپارٽي سدائين عوام کي گڏ ڪٺي منظم ثابت قدم رکيو آهي.

اسان گڏجي پنهنجي صوبي ۽ قوم کي مضبوط کان مضبوط بڻائي سگهون ٿا ۽ مون کي اعتماد آهي ان سفر ۾ رب پاڪ اسان جي مدد ضرور ڪندو.

*پاڪستان پائنده باد*